محسن علي

# دنيا ۾ مذهبي ڇڪتاڻ
## ۽ منافرت پويان اصل پوشيده ڪردار

(روزانہ ”ڪاوش“ 15 فيبروري، 2015ع جي ٿورن سان)

ويهي صديءَ ۾ ٻه وڏيون عالمي جنگيون ۽ انهن جي تباهي ٻه ڏٺي، پر 1945ع ۾ ٻي عالمي جنگ جي خاتمي کانپوءِ دنيا تي جنگين جي تباهي ۽ ان مان انسان ذات کي پهتل بي حساب نقصان ٻه واضح ٿي ويا ۽ دنيا هر شعبي ۾ نين نين سائنسي ايجادن مان فائدو وٺڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي مستقبل کي بهتر ٿيندو ڏسڻ شروع ڪيو.

**انسان ذات جي قسمت جو خراب موڙ.**

پر قدرت کي شايد اهو منظور نہ هو سو انسان ذات پنهنجي قسمت جو هڪ نئون ۽ خطرناڪ موڙ ڏٺو جنهن ۾ ڇا ٿيو تہ روس جو زوال اچي ويو ۽ ڪميونزم ۽ سوشلزم جي باني رياست سوويت يونين 1990ع جي ڏهاڪي ۾ ٽٽڻ شروع ٿيو ۽ سرمائيدار مغرب فاتح ٿيڻ لڳو ديوار برلن، جيڪا ڪميونسٽ دنيا ۽ مغرب سرمائيدار دنيا کي الڳ ڪريو بيٺي هئي، سا اوچتو ئي اوچتو ڊهي پئي ۽ روس جون اوڀر يورپ جون ڪالونيون ۽ سينٽرل ايشيا جون مسلمان رياستون روس جي ڪيمپ ۽ قبضي مان نڪرڻ لڳيون. ان سان آمريڪا ۽ ان جي مغربي سرمائيدار ساٿي ملڪن جي عيد ٿي وئي.

انهن اوڀر يورپ وارين اڳوڻين روسي رياستن کي آهستي آهستي يورپي يونين ۽ نيٽو ۾ گهلڻ شروع ڪيو جيڪو سلسلو اڃ تائين هلي رهيو آهي. آمريڪا دنيا جو واحد اقتصادي ۽ فوجي سپر پاور ٿي چڪو آهي ۽ اهو ئي اقوام متحده ۽ ان جي اهم ادارن جهڙوڪ: سلامتي ڪائونسل، ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف تي بہ قابض آهي. انسانيت جي سڌاري ۽ ترقيءَ جا



خواب وري ٽٽڻ شروع ٿي ويا آهن. قيادت، عوامي فلاح، سٺي حڪومت ۽ شهرين جي بااختيار ٿيڻ جون ڳالهيون هڪ ڀيرو وري حقيقت مان افسانو بڻجڻ لڳيون آهن. آمريڪا خاص طور 11/9 واري واقعي کان پوءِ پوري دنيا ۾ دهشتگرديءَ کي ڪچلڻ جي بهاني زور ۽ زبردستي سان دنيا جي ننڍن ملڪن تي چڙهائي ڪندو رهيو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ ننڍا اسلامي، ايشيائي ۽ آفريقي ملڪ حيران ۽ پريشان آهن تہ اهي ڇا ڪن؟ ۽ ڪيڏانهن وڃن؟ مغربي سرمائيدار دنيا عالمگيريت جي نالي تي سڄي باقي دنيا کي زور زبردستيءَ پنهنجي مارڪيٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، پاڪستان جهڙن ننڍڙن ملڪن ۾ ننڍا ننڍا ڪارخانا بند ٿي رهيا آهن. هتان جا مزدور ۽ هاري بيروزگار ٿي رهيا آهن. نئون آمريڪي ورلڊ آرڊر تہ باقي دنيا لاءِ ڊس آرڊر ٿي پيو آهي، مڊل ايسٽ ۽ آفريڪا جي ننڍن ملڪن جا نقشا ئي بدلجي رهيا آهن، عراق، ۽ لبيا انهي شئي جا نمايان مثال آهن. هاڻي تہ ننڍڙن ملڪن جي عوام لاءِ پنهنجي سرحدن اندر توڙي ٻاهر امن سان رهڻ مشڪل ٿي پيو آهي.

مغربي استعماري طاقتن پاڻ ۾ گڏجي مڊل ايسٽ ۾ شيعہ سني فساد ڪرائي، اتي جي عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو آهي ۽ وڏي پيماني تي عرب ۽ غير عرب ۽ شيعہ ۽ سني مملڪتن ۽ عوام کي هڪ ٻئي جي خلاف صف آرا ڪري ڇڏيو آهي، سعودي عرب ۽ خليج جا سني ملڪ ايران جي شيعہ طاقت مان خوفزده آهن، عراق ۽ ايران جي صدام حسين ۽ خميني جي دور ۾ جيڪا جنگ مغرب شروع ڪرائي هئي، ان جي 8 سالن ۾ 5 لک ايراني ۽ 5 لک عراقي مارجي ويا هئا، ان کان پوءِ آمريڪا طرفان ڪرايل عراق جي گهرو جنگين ۾ بہ لکين شهري مارجي چڪا آهن.

ٻاهرين طاقتن مڊل ايسٽ ۾ مذهب کي نفرت جو سبب بڻائي ڇڏيو آهي. آفريڪا ۾ وڏن مذهبي يعني عيسائيت ۽ اسلام کي هڪ ٻئي خلاف

جنگين ۾ الجهايو پيو وڃي. روزگار ۽ تعليم جي بهاني يورپ پهتل مسلمان هاڻي اتي جي عيسائي آبادين جي مخالفت ۽ نفرت کي برداشت ڪري رهيا آهن. مسلمان ملڪن تي عيسائي طاقتن جي حملن خود مسلمان ملڪن جي عوام کي تڪليف ۽ ذهني اذيت ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته، انهن سان ائين ڇو ڪيو پيو وڃي؟ ۽ مغرب ۾ رهندڙ مسلمان پڻ پريشان آهن ته مغربي عيسائي طاقتون انهن جي اباڻن ملڪن تي ڇا لاءِ حملا ڪري رهيون آهن؟

مغرب جو عيسائي عوام پنهنجين حڪومتن جي پروپيگنڊا کان متاثر ٿي، مسلمان ملڪن کي دهشتگرد سمجهي رهيو آهي. مغرب ۾ مسلمانن ۽ اسلام کي دهشتگرد قرار ڏنو پيو وڃي، مغرب ۽ مسلمانن جي موجوده جنگ کي مغرب ۾ چوٿين صليبي جنگ به چيو پيو وڃي ۽ مغربي دانشور ان کي Clash of Civilzations يعني ” تهذيبن جو ٽڪراءُ “ جو نالو به ڏئي رهيا آهن .

**اصل سبب:**

دراصل سوويت يونين جي زوال کان فورن بعد نيٽو ڪمانڊر انچيف آمريڪي جنرل ويلسلي ڪلارڪ اعلان ڪيو هو ته، ” هاڻ اسان کي اسلام خلاف وڙهڻو پوندو ۽ ان کي ئي ڪميونزم جي جاءِ تي پنهنجو نئون دشمن تصور ڪرڻو پوندو“ دراصل آمريڪا جي هٿيارن جي صنعت ۽ ” سول ۽ ملٽري ڪامپليڪس“يعني فوجن ۽ صنعتن جي اتحاد کي نئون دشمن کپندو هو جيئن آمريڪا پنهنجي اربين ۽ کربين ڊالرن ۽ لکين مزدورن جي روزگار وارن دفاعي ڪارخانن کي چالو رکي سگهي ۽ نوان نوان هٿيار به ايجاد ۽ تيار ڪري سگهي.

آمريڪا دنيا جو سڀ کان وڏو فوجي هٿيار ٺاهيندڙ ملڪ آهي ۽ اهو ئي ان جي ڪمائيءَ جو مکيه ذريعو آهي، ان ڪر ڪميونزم ۽ روس جي خطري بدران مغربي ملڪن جي عوام اڳيان مسلمانن ۽ اسلام کي”دهشتگرد “ بنائي پيش پيو ڪيو وڃي ۽ نام نهاد War on terror



يعني دهشتگردي پڪيڙڻ ۾ ته دراصل آمريڪا ۽ ٻيون مغربي طاقتون ملوث آهن.

نائيجيريا ۾ عيسائين ۽ مسلمانن کي ويڙهايو پيو وڃي، ٻين ننڍن اسلامي ملڪن ۾ شيعه سني فساد ڪرايا پيا وڃن ۽ بر صغير هندو پاڪ ۾ مسلمانن ۽ هندن وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا پي ڪئي وڃي، ملائيشيا ۾ سک، هندو مسلمان ۽ چيني پاڻ ۾ مڪمل مفاهمت سان رهي رهيا هئا، ۽ جتي هڪ ئي گهٽيءَ ۾ مندر، مسجد ۽ گرجائون هڪ ٻئي جي بلڪل پرسان ۽ ساڳي قطار ۾ ٺهيل آهن، پر هاڻي اتي به هندن ۽ مسلمانن ۾ فساد ڪرائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن. جن کي ملائيشيا جي حڪومت سختي سان دٻائي ڇڏيو آهي.

ساڳي طرح مڊل ايسٽ جي ملڪن ۾ به سيني مذهبن جا ماڻهو صدين کان صلح جوئي سان گڏجي رهندا آيا آهن، پر ننڍن ملڪن ۾ مذهبي فساد شروع ڪرائڻ لاءِ عجيب و غريب ۽ نوان نوان هٿ ڇونڊيا پيا وڃن. مثال طور سنڌ، جيڪا صوفين جي سر زمين آهي، ان جي هڪ ننڍڙي شهر شڪارپور ۾ تازو شيعن جي هڪ امام بارگاهه تي حملو ڪري، 60 کان وڌيڪ شهرين کي شهيد ڪيو ويو. جيڪو ڪجهه جهالت جي زماني ۾ نه ٿيندو هو. اهو اڄوڪي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سجاڳ دور ۾ ٿيڻ ڪيئن ممڪن آهي؟ اهو سڀ ڄاڻي واڻي ڪرايو پيو وڃي، جڏهن به اها باهه ٺرڻ لڳي ٿي ته، ان کي هٿ وٺي ڀڙڪايو ٿو وڃي. هن عالمي سازش کي ننڍن ملڪن جو عوام پنهنجي اتحاد ، صبر ۽ برداشت سان ئي شڪست ڏيئي سگهي ٿو.

**تيل ۽ گيس تي قبضا.**

هن سڄي راند جي پٺيان مسلمان ملڪن جي تيل ۽ گئس جي ذخيرن تي قبضي ڪرڻ جي سازش به ڪار فرما آهي. هي ٻئي جنسون سون جيتريون قيمتي آهن ۽ جيڪي گهڻو ڪري ننڍن مسلمان ۽ عرب ۽ آفريڪي ملڪن ۾ موجود آهن. جن تي قبضو ڪرڻ مغربي سرمائيدار طاقتن لاءِ ان ڪري به ضروري ٿي پيو آهي، جو ايندڙ ڪنهن به ننڍڙي يا وڏي علائقائي يا

عالمي جنگ ۾ فيصلو تيل جي دستيابي يا عدم دستيابي تي ٿيندو ۽ اها ئي طاقت علائقائي يا عالمي جنگ کٽندي، جنهن جي هٿ ۾ تيل جا ذخيرا هوندا _ ۽ جنگ کان سواءِ به دنيا جي سڀني ننڍين ۽ وڏن ملڪن جي اقتصادي ۽ صنعتي ترقي ۾ اڳتي تيل ۽ تيل مان ڪمايل دولت جو بنيادي ڪردار هوندو.



علي اڪبر راهمون

# توهين رسالت تي مغرب وارن جي پڏي

## انسانيت لاءِ هاڃيڪار روش

فرانس جي گاديءَ جو هنڌ پيرس آهي، هن شهر ۾ هڪڙو رسالو "چارلي هيبڊو " نالي شايع ٿيندو آهي، جنهن ۾ 2011ع کان وٺي، پيغمبر اسلام سرور ڪائنات محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ گستاخي وارا ڪارٽون ۽ مذهب اسلام خلاف نفرت انگيز مواد لڳاتار ڇپيو رهيو آهي، جنهن سان پوري دنيا جي ڏيڍ ارب مسلمانن جي تمام گهڻي دل آزاري ٿيندي رهي هي، تازو جنوري 2015ع ۾ هن رسالي جي دفتر ۾ هٿيار بندن گهڙي عملي جي ڪجهہ صحافين کي قتل ڪري ڇڏيو هن واقعي کي بنياد بنائي، آمريڪا، اسرائيل سميت يورپ جي چاليهن ملڪن جي سربراهن گڏجي پيرس ۾ اٽڪل پندرهن لک ماڻهو گڏ ڪيا ۽ انهن کي خطاب ڪيو انهيءَ دوران سڀني يورپي سربراهن هٿ هٿ ۾ ڏيئي چارلي هيبڊو رسالي جي توهين رسالت جي پاليسي جي کلم کلا حمايت ڪئي ۽ هيء چئي پڻ ان سان يڪجهتي جو مظاهرو ڪيو تہ اسين سڀ چارلي هيبڊو آهيون، نہ رڳو ايترو پر انهن چاليهن ملڪن جي سربراهن نئي سال جي هن رسالي جي نئي شماري جي سروق تي رسالت مآب عليہ الصلوات واللهم جي نسبت سان گستاخاڻو خاڪو ڇاپڻ جو هڪ مذمت لائق فيصلو پڻ ڪيو . جنهن تي صرف ٻئي ڏينهن عمل ٿيو. جنهن رسالي جون پهرين چند ڪاپيون مس ڇپبيون هيون، تنهن جو هيء نئون ڇاپو مختلف ڇهن ٻولين ۾ اٽڪل ٽيهہ لک ڪاپيون ڇاپي يورپ ۽ پوري دنيا ۾ ڪپايون ويون، اهڙيطرح توهين رسالت ۽ ڏيڍ ارب مسلمانن جي دل آزاري جي عيوض چارلي هيبڊو کي وڏي اعزاز ۽ شهرت سان نوازيو ويو نہ رڳو ايترو پر پوري يورپ جي سربراهن

ساڻس يڪجهتي ۽ سر پرستي جو پڻ مظاهرو ڪيو.

جيئين چارلي هيبڊو جي روايت کي جاري رکندي ٻيا يورپي ميڊيا جا ادارا به توهين رسالت جون ڌڪار لائق ڪاروايون جاري رکن. هن واقعي کان به اڳائي کن ڏهائيون پهرين مغرب وارن هڪڙي سلمان رشدي نالي گستاخ رسول کي ميدان ۾ لاٿو هو جنهن مسلمانن جون دليون خوب آزاريون ڪيون. پوري دنيا ۾ مسلمان سراپا احتجاج بنجي سڙڪن تي ٻاهر نڪتا، تحفظ ناموس رسالت جي نالي تي ڪيئين مسلمان ڪنڌ ڪپائي ويٺا، پر يورپ وارن تي مطلق اثر ڪونه ٿيو الٽو يورپ جي حڪمرانن جو افسوسناڪ رويو سامهون آيو پاڻ لبرل سڏائيندڙ ۽ سڄي دنيا ۾ سيڪيولرازم نافذ ڪرڻ جا خواهشمند ملڪ آمريڪا ۽ برطانيا به پنهنجو تعصباڻو رويو مسلمان سان لڪائي ڪونه سگهيا، بلڪ هنن به مسلمانن جي ڦٽن تي لوڻ هن طرح ٻرڪيو ته ان بدنام زمانه گستاخ ( رشدي ) کي پنهنجي سيني سان لڳائي رکيو جڏهن ته ان وقت پوري دنيا جي مسلمانن جي سيني ۾ ان خلاف نفرت جي باهه ڀڙڪي رهي هئي، رڳو ايترو نه پر پوري دنيا جي مسلمانن جي دل آزاري ڪندڙ بدنام زمانه گستاخ کي سندس هن گستاخاڻي ڪارنامي تي knight, award نائٽ ايوارڊ ڏنو ويو جيڪو برطانيا ۾ صرف ڪنهن فوجي ڪارنامي تي ڏنو ويندو آهي. ان ڪانپوءِ وري فرانس هڪ ٻئي گستاخ رسالت تسليمه نسرين کي انساني حقوق جو ايوارڊ ڏنو ڪجهه سال پهرين ڊنمارڪ ۽ جرمني جي اخبارن توهين رسالت جا ناپاڪ ڪارٽون ڇاپي، پوري دنيا ۾ سستي شهرت حاصل ڪئي.

مسلمانن دنيا ليول تي هن واري به سخت غم غصي جو اظهار ڪيو هر پليٽ فارم تي احتجاج ڪيو پر يورپ جي سيني حلقن ان کي به نظر انداز ڪري ڇڏيو تنهن ڪانپوءِ ته يورپ ۽ ٻي دنيا جا اسلام دشمن طبقا جهڙوڪر سجاڳ ٿي پيا، جنهن کي جيئين وڻي تئين پيو مذهب اسلام کي بدنام ڪري ۽ مسلمانن جي تذليل ڪري، اهڙي طرح مسلمانن سان توهين آميز



رويي کي منظم تحريڪ جي شڪل ڏني ويئي، جنهن جي هر ممڪن مدد ۽ سرپرستي جديد مغربي تهذيب جا حڪمران ڪري رهيا آهن.

ڪجهه عرصو پهرين امريڪا ۾ هڪڙي بدنام زمانه پادري ٽيري جونز قرآن مجيد جي بي حرمتي ڪئي، اهڙن المناڪ واقعن کان علاوه جديد ميڊيا جي سڀ کان وڏي ويب سائيٽ فيس بوڪ ۽ يوٽيوب تي پڻ توهين رسالت جا خاڪا ۽ فلمون ۽ اسلام خلاف نفرت انگيز مواد رکيو ويو جيڪو مسلمانن جي سخت احتجاج باوجود اڄ تائين هٽايو نه ويو آهي، هن مان ثابت ٿيو ته ناموس رسالت ۽ حرمت قرآن تي حملا ۽ اسلام مذهب جي توهين يورپ ۾ هڪ تحرڪ جي شڪل وٺي چڪي آهي، جيڪا توهان موجوده عالمي حالتن جي تناظر ۾ به صاف صاف ڏسي سگهو ٿا. جيئن اڄڪلهه آمريڪا توڙي يورپ جي ڪافي ملڪن ۾ مسلمانن جي داخلا ۽ رهائش جي معاملن ۾ ڪيئين قسم جا مسئلا ڪڙا ڪيا ويا آهن، جيڪي هر ايندڙ ڏينهن وڌي رهيا آهن. في الوقت يورپ ۾ مسلمانن جي لاءِ آزار هيڪاري وڌي ويو آهي، اهو سڀ هن ڪري ته يورپ ۾ مسلمانن جي آبادي تيزي سان وڌي رهي آهي، جنهن تي مغرب جا سياسي حلقا گهٻرائجي ويا آهن، رواداري، دليل ۽ مرضي مطابق زندگي گذارڻ جي حق ڏيڻ جي واٽ ڇڏي، مذهبي توهين دل آزاري جهڙي دهشت گردي تي لهي آيا آهن.

فرانس ۾ هن سلسلي ۾ تازو به نوان ڪتاب ڇپيا آهن، هڪ ارڪ زمور جو ڪتاب suicid French يعني فرانس جي خود ڪشي، ٻيو ميچل هولبيڪ جو هڪ ناول جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ته فرانس ۾ مسلمان طبقو مستقبل قريب ۾ هڪ سياسي طاقت بنجي اڀري رهيو آهي، جيڪو ڪنهن وقت ان جي حڪومت تي قبضو ڪري سگهي ٿو. يورپ جي اهڙي رويي ۽ نفرت انگيز مواد ڇاپڻ جي پنيان محرڪ ۽ مقصد محض مسلمانن کي آزارڻ ۽ مذهب اسلام سان دشمني ڪرڻ آهي، ڇا اها جديد مغربي تهذيب جي دهشت گردي ناهي؟فرانس جي هڪڙي سياسي جماعت فرنٽ نيشنل

جي سابق سربراه لي پين، جديد مغربي تهذيب جي ناپاڪا سازش ۽ دهشت گرديءَ تان پردو هن طرح کنيو آهي، تہ پيرس ۾ چارلي هيبڊو جي دفتر تي حملو دراصل امريڪا ۽ اسرائيل جي گڏيل سازش آهي، جنهن جو مقصد اسلامي دنيا ۽ مغربي دنيا جي وچ ۾ ويڇا وڌائڻ ۽ عالمي جنگ ڇيڙائڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. واردات واري هنڌ دهشت گرد جو شناختي ڪارڊ ملڻ بلڪل ائين آهي، جيئين 11/9 واري واقعي دوران هڪڙي هائيجيڪر جو پاسپورٽ ملڻ جي دعويٰ، جنهن کي بنياد بنائي مسلمانن کي دهشت گرد قرار ڏنو ويو هو. ان وڌيڪ چيو تہ پيرس ۾ وارداتون دراصل سيڪرٽ سروس آپريشن جي وارداتن سان ملندڙ جلندڙ آهن. اهو اشارو هن ڳالهہ لاءِ ڪافي آهي تہ اها دهشت گردي جي واردات خود مغربي تهذيب وارن جي آهي.

سوال هيءَ آهي تہ اهڙن توهين آميز روين ۽ اشتعال انگيز حرڪتن سان مغرب وارا ڇاهين ڇاٿا.؟ مقصد ڇا اٿن؟ هن ڏس ۾ ڪافي دانشورن جو خيال آهي تہ مغرب وارا دنيا کي ٻن ڪيمپن ۾ ورهائڻ چاهين ٿا، مغربي تهذيب ۽ اسلامي تهذيب جي وچ ۾ ٽڪراء کي تيز تر ڪري، ٽي عالمي جنگ ڇيڙائڻ چاهين ٿا. مادي زندگي جو هڪڙو قانون آهي تہ هر شيءِ پنهنجي ضد سان قائم رهندي آهي، هن فطري اصول کي سامهون رکندي، آمريڪي ٿنڪ ٽينڪرن ٻن بلاڪن جي سرد جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ تهذيبن جي تصادم جي هڪ نئين ٿيوري ڏني، جيڪا يورپ جي سيڪيولر معاشري جي وجود کي قائم رکڻ واسطي اڻٽر ضروري قرار ڏني ويئي آهي. ۽ اهو پڻ اندازو لڳايو ويو تہ دنيا جون سڀ ننڍيون تهذيبون جهڙوڪ هندو، ڪنفيوشش وغيره ان سان گڏجي بيهنديون، جنهن جي سرسي ڏسنديون، جيئين تہ اڄڪلهہ مادي طاقت ۾ مغربي تهذيب زور آهي، تنهن ڪري ٻيون سڀ تهذيبون ان سان گڏجي وينديون، پر واحد اسلامي تهذيب آهي، جنهن سان تصادم اڻٽر آهي. انڪري اسلامي تهذيب کي مغربي سيڪيولر



تهذيب جو حقيقي چيلنج سمجهي، ان تي غالب اچڻ جون هر ممڪن ڪوششون جاري آهي، ناموس رسالت، حرمت قرآن مجيد تي حملا ۽ مسلمانن کي دهشت گردن جي روپ ۾ دنيا آڏو پيش ڪرڻ جون پروپيگنڊؤن سڀ هن سلسلي جون ڪڙيون آهن، آمريڪا جو حڪومت جي پاليسين جو آئينو ڏيکاريندڙ رسالو " فارن پاليسي " پيرس واقعي کان پوءِ اهڙا مضمون شايع ڪري رهيو آهي، جن ۾ مستقبل قريب ۾ هڪ خوفناڪ عالمي جنگ شروع ٿيندي ڏيڻ ۾ اچي ٿي، ايڊيٽر مزيد لکي ٿو تہ آمريڪا مذهبي جهادي جماعتن کي ان وقت تائين هارائي نٿو سگهي، جيستائين مذهب اسلام، ان جي تهذيب ۽ مسلمانن جي حالتن کان چڱي طرح واقف نہ ٿيندو، هن جنگ ۾ ٽيو ڏيڻ کان پهرين آمريڪا کي ڏسڻ کپي تہ ( مسلمانن ۾ اتحاد ڪيتريقدر آهي ۽ مسلمانن جي صفن کي ٽوڙي ڪيئين ٿوسگهجي، مسلمانن جو اتحاد جيڪڏهن آزمائڻو هجي تہ صرف اهو ئي ڪافي آهي تہ ڏٺو وڃي، سيد الانبياء، سرور ڪائنات ( عليہ الصلام ولصلات ) جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ ۽ ناموس رسالت تي حملو ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيترا ۽ ڪيتريقدر مسلمان اشتعال ۾ اچن ٿا. مسلم امت جو واحد نڪتو ناموس رسالت جو تحفظ آهي، جنهن تي دنيا جا سمورا مسلمان فرقا، مسلڪ، علاقائي ۽ نسلي ويڇا ۽ فرق وساري، هڪ پليٽ فارم تي گڏجي بيهي سگهن ٿا.

عالمي دهشت گردي، جنهن کي مسلمانن ڏانهن منسوب ڪيو ٿو وڃي، دراصل هن دهشت گردي سڀ کان پهرين ٻي عالمي جنگ کان پوءِ ٻن عالمي طاقتن جي ڇڪتاڻ مان جنم ورتو، پوءِ آمريڪا ۽ سندس اتحادين خفيہ ايجنسين ذريعي دهشت گردي کي وڌايو ۽ دهشت گردي کي پاليو ۽ انهن کي هٿيارن سان ليس ڪيو، هر طرح جي انهن کي ٽريننگ ڏني، پوءِ جڏهن اها سندن ئي پيدا ڪيل دهشت گردي عالمي امن لاءِ خطرو بنجي اڀري تہ ان خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ويو، پر اها جنگ بہ بنا ڪنهن منصوبا بندي ۽

رابطي جي شروع ڪئي ويئي، جنهن جو نتيجو هيءُ نڪتو تہ دهشت گردي جي خاتمي بجاءِ هيڪاري زور ورتو هاڻ تہ اها دهشت گردي باقاعده مربوط تنظيم جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي، پهرين اها دهشت گردي باقاعده جي نالي سان اڀري، پوءِ ڪجهہ افغان طالبان بہ ان ۾ هٿ ونڊايو هاڻ اها دهشت گردي داعش جي جهنڊي هيٺ پنهنجيون سرگرميون جاري رکيو اچي، جيڪا دهشت گردي خود عالمي طاقتن ۽ سندن اتحادن جي پيدا ڪيل آهي ۽ اڄ ان ڪي آمريڪا ۽ سندس اتحادي اندروني طرح هٿي ڏئي رهيا آهن ۽ دنيا ڪي بي وقوف بنائڻ لاءِ ظاهر ۾ دهشت گردي سان جنگ جوٽڻ جو اعلان ڪري رهيا آهن.

ڏک جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن دهشت گردي ۾ اسلام مذهب جو نالو استعمال ڪيو ٿو وڃي ۽ مسلمانن ڪي دهشت گرد ڪري پروپيگنڊا ڪئي ٿي وڃي، اها ڳالهہ نهايت افسوسناڪ آهي، دنيا ۾ مسلمانن جي اڄڪلهہ ڪل آبادي اٽڪل ڏيڍ ارب آهي، جيڪا ستونجاهہ مسلمان ملڪن ۾ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پڻ پکڙيل آهي، سوال هيءُ آهي تہ ڇا هن دهشت گردي يا قتل وغارت جي ڪاروايين ذريعي شريعت نافذ ڪرڻ جي پاليسي ڪي مسلمانن جي حمايت حاصل آهي؟ هن جو جواب مڪمل ناڪاري آهي، ڇاڪاڻ تہ اسلام جي نالي تي ڪئي وڃڻ واري قتل غارت ۾ سڀ کان وڏيڪ نقصان خود مسلمانن جو ٿي رهيو آهي.صرف پاڪستان ۾ هيستائين پنجاهہ هزار مسلمان دهشت گردي جو نشانو بڻجي چڪا آهن. جيڪي نہ تہ دهشت گردي جي ڪاروايين ۾ رڪاوٽ ۽ ڪنهن قسم جي آڙ بنيل هئا، اهي بلڪل معصوم ۽ بي گناهہ هئا، اسلام ۾ هڪ مسلمان جو ٻئي مسلمان ڪي ناحق قتل ڪرڻ حرام پڻ آهي.

جديد مغربي تهذيب جا مهندار پاڻ ڪي راءِ جي اظهار جي آزادي جي حق جا وڏا علمبردار سڏائين ٿا، پر سندن حقيقت حال ” هولو ڪاسٽ “ جي مثال مان ئي واضح آهي، هولو ڪاسٽ ٻي عالمي جنگ دوران يورپ ۾



عيسائين هٿان يهودين جي قتل عام ڪي چئجي ٿو چون ٿا تہ ان وقت هزارين يهودي مغربي دهشت گردي جو شڪار ٿيا هئا، اڄڪلهہ يورپ ۾ هولو ڪاسٽ تي هڪ حرف بہ لکڻ يا ڪڇڻ تي پابندي وڌيل آهي، ان وقت جي قتل غارت جو شڪار ٿيل يهودين جي همدردي ۾ مغرب وارن جي درندگي تي زبان کولڻ يا قلم کڻڻ وارن لاءِ سزائون مقرر ٿيل آهن، انهن راءِ جي آزادي ۽ اظهار جي حق جي علمبردارن جي حقيقت هيءَ آهي تہ 1989ع کان 2010ع تائين ڏهن سالن جي قليل عرصي ۾ اٽڪل پندرهن اديبن ۽ مصنفن ڪي هولو ڪاسٽ تي پنهنجي راءِ ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ قيد بامشقت جون سزائون ڏيئي چڪا آهن، تنهن هوندي بہ يورپ جا حڪمران ۽ سيڪيولر طبقا تاثر اهو ٿا ڏين تہ وٽن هر فرد ڪي سندس مرضي جي زندگي گذارڻ جي آزادي حاصل آهي، رياست ماڻهن جي مذهبي معاملن ۾ دخل اندازي ڪونہ ٿي ڪري.

پيرس واقعي ڪانپوءِ يورپ جي چاليهہ ملڪن جا سربراه گڏجي توهين آميز خاڪن ۽ نفرت انگيز مواد ڇاپڻ متعلق اڄ بہ دنيا ڪي اهو پيغام ڏيڻ چاهين ٿا تہ هو آزاد پريس ۽ انساني حقن جي حمايت ڪري رهيا آهن. پر اها هڪڙي ڪڙي حقيقت آهي تہ جديد مغرب جي سيڪيولر معاشري ۾ واقعي ماڻهو ڪي پسند جي زندگي گذارڻ جي آزادي حاصل ناهي،جيئين هڪڙي عورت ڪي مختصر لباس جي اجازت آهي، تئين ان ڪي پنهنجي پسند مطابق حجاب پائڻ جي بہ اجازت هجڻ ڪپي، پر اهو ثابت آهي تہ فرانس ۽ جرمني ۾ عورتن ڪي حجاب پائڻ جي حق کان محروم رکيو ويو آهي، مذهبي آزادي ۽ رواداري جا دعويدار يورپي حڪمران سوئيٽرزلينڊ ۾ مسجدن جي مينار ٺاهڻ تي پابندي لڳايو وينا آهن، انهن مينارن ڪي سوئيٽرزلينڊ جي تهذيب جي لاءِ خطرو ٿا قرار ڏين، ڇا اهو مسلمانن سان مت ڀيد ۽ امتيازي سلوڪ ناهي؟ مذهبي عدم برداشت ۽ مسلمانن سان نفرت ۽ امتيازي سلوڪ جي جملي واقعن ۽ مظاهرن ۾ قرآن مجيد ۽ رسالت جي

توهين جا واقعا سڀ کان وڏيڪ آهن. باقي سمورن واقعن ۾ مظاهرن لاءِ قانوني جنگ وڙهي سگهجي ٿي، سماجي دٻاءَ سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو پر اظهار جي آزادي جي حق جي آڙ ۾ قرآن مجيد ۽ رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي گستاخي ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهجي؟ صلاح الدين ايوبي جهڙو بردبار ۽ رحم دل حاڪم بہ هڪڙي اهڙي واقعي ۾ پنهنجي جذبات ۽ اشتعال تي قابو نہ پائي سگهيو. جڏهن صليبي جنگين خلاف صلاح الدين عظيم جنگيون وڙهيون ۽ شاندار سوڀون ماڻيون. هو دشمن سان سهڻو ۽ رحمدلي جو سلوڪ ڪرڻ ۾ مشهور هو. جنگي قيدين سان تمام گهڻي مهرباني ۽ رحم دلي سان پيش ايندو هو پوري زندگي ۾ صرف هڪڙي جنگي قيدي کي پنهنجي تلوار جو کاج بڻايو هو سو بہ هن طرح تہ جڏهن پروشلم تي قبضي ڪانپوءِ ان قيدي چيو هو تہ اسين مديني تي قبضو ڪنداسين ۽ مسلمانن جي پيغمبر جي قبر کي مٽائي ختم ڪري ڇڏينداسين. جڏهن اهو گستاخ قيدي گرفتار ٿي آيو تہ صلاح الدين ايوبي چيو تہ خدا جو قسم ، مون ڪڏهن بہ ڪنهن جنگي قيدي تي هٿ نہ کنيو آهي، پر هن گستاخ دشمن کي جيڪڏهن ڇڏي ڏنم تہ قيامت جي ڏينهن پنهنجي آقا عليہ السلام کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس. اهو چئي پنهنجي تلوار سان ان جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو.

بيشڪ موجوده زماني جا اسين مسلمان ڪيترا بہ بي عمل ٿي ويا آهيون، پر اڃان هيءَ نوبت ڪو نہ آئي آهي تہ سرڪار دوجهان صلي الله عليہ وسلم جي گستاخن کي دوست سمجهون ۽ سندن توهين آميز حرڪتن کي مات ڪري وينا تماشو ڏسون. تازو پيرس جي ويجهو هڪڙي ڳوٺ ۾ ٻاويهن سالن جي نوجوان مسلمان نهايت سادگي سان فرانس جي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي، پنهنجن جذبن جو هن طرح اظهار ڪيو تہ " اي اهل فرانس ! اسان مسلمانن کي نہ روزگار جو تحفظ حاصل آهي، اسان کي نہ اوهين عزت



ڏيو ٿا نہ برابري جو حق. اهڙي حالت ۾ رهندي ڇا اسين پنهنجي پياري نبي، محسن انسانيت سان محبت بہ نہ ڪريون؟ خدا جو قسم ، ايئن ڪڏهن بہ ڪونہ ٿي سگهندو. اسين سڀ مسلمان حرمت رسول تي جانيون قربان ڪري ڇڏينداسين، پر پنهنجي پياري نبي سان توهين آميز رويو ۽ گستاخي ڪونہ قبولينداسين.

جديد مغربي تهذيب جا سيڪيولر اڳواڻ اظهار جي آزادي جي حق جا علمبردار ڪالهوڻي ڪالهہ بڻيا آهن. جڏهن تہ اڄ کان چوڏهن سؤ سال پهرين اسلام، انسان کي تقرير ۽ تحرير جو حق ان وقت وٺي ڏنو. جڏهن پوري دنيا ۾ انسان ذات تي ڏاڍ، جبر، ظلم، جاهليت، تعصب ۽ نسل پرستي جي حڪمراني هئي، سوال اٿارڻ تہ پري جي ڳالهہ، ڪجهہ بہ سنگين ڏوهہ هو ۽ دل جي ڳالهہ زبان تي آڻڻ موت برابر هو ايمان ڇا آهي ؟ اقرار باللسان وتصديق بالقلب ( دل ۾ مڃڻ ۽ زبان سان ان جو اقرار ڪرڻ ) عرب سماج ۾ حضرت بلال حبشي رضي الله عنہ ۽ حضرت صهيب رومي رضي الله عنہ کي پنهنجي دل جي ڳالهہ زبان تي آڻڻ جي ڏوهہ ۾ تپيل واريءَ تي گهيليو ۽ ڇهبڪن سان سندن آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو هو ڪيئن ويلا بکيو اڃيو رکيو ويندو هو عربن کي اهڙي ڏاڍ ۽ جبر کان آزادي اسلام جي صدقي ۾ ملي.

جڏهن هڪڙو بدوي ماڻهن جي ميڙ ۾ اٿي بيهي اميرالمؤمنين کان سوال ٿو ڪري تہ اوهان اهو نئو ڪرتو ڪيئن سبرايو آهي؟ اهڙي جرات ۽ روايت انسان ٺي اسلام عطا ڪئي. اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنہ جو هيءَ تاريخي جملو بہ مسلمان حڪمرانن لاءِ اڄ تائين رهنما آهي، جڏهن پاڻ مصر جي گورنر کي چيو هياؤن تہ "توهان ماڻهن کي پنهنجو غلام ڪڏهن بنايو آهي، جڏهن تہ سندن مائرن کين آزاد ڄڻيو آهي " فرانس جي فلسفي روسو ان کان ڪيئين صديون پوءِ پنهنجي ڪتاب " عمراني معاهدي " جو آغاز هن جملي سان ڪيو تہ " ماڻهو غلام آهن، حالانڪ هو آزاد پيدا

ٿيا آهن “ حقيقت هيءَ آهي تہ امن، تهذيب، اخلاق، آداب ۽ احترام جي دائري ۾ رهندي راءِ جي اظهار جي آزادي جي انساني حق کان ڪنهن مسلمان کي ڪڏهن انڪار هو، نہ آهي. ڇو تہ دنيا ۾ ڪيئين مذهب موجود آهن، هر مذهب جاپوئيلڳ پنهنجن مذهبي پيشوائن ۽ بزرگن جو بي حد احترام ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو نادان اظهار جي آزادي جي آڙ ۾ ڪنهن مذهب جي توهين يا سندن پيشوائن جي گستاخي ڪندو تہ اهو مذهبي انتها پسندي کي فروغ ڏيڻ ۽ فساد برپا ڪرڻ برابر آهي، جيڪڏهن هن اصول کي سچو مڃيو وڃي، تہ چارلي هيبڊو رسالي جو عملو 2011ع کان لڳاتار اسلام جي توهين جو مواد ۽ رسالتمآب صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ گستاخاڻا ڪارٽون ڇاپيندو رهيو، ڇا اهو عمل دهشت گردي ناهي.؟ يقيناً اها دهشت گردي آهي ۽ چارلي هيبڊو جي دفتر ۾ قتل ٿيل صحافي مبينہ دهشت گرد آهن.پيرس جي هن واقعي کان پوءِ مغربي سيڪيولر معاشري جون سيڪيولر ۽ لبرل روايتون ۽ دعواڳن وائيڪيون ٿي ويون آهن، راءِ جي اظهار جي آزادي ۽ مذهبي رواداري جهڙيون دعوائون کوکليون ۽ خلاف حقيقت ثابت ٿي چڪيون آهن، ۽ هيءَ حقيقت بہ واضح ٿي ويئي تہ جمهوريت جي هام، هڻندڙ مغربي سيڪيولر طبقو چارل ميڪاولي جي سياسي فلسفي جو پوئيلڳ آهي، هو ظاهر ۾ تہ پاڻ کي انسان دوست ۽ جمهوريت پسند سڏائي ٿو ، پر اصل ۾ هو پنهنجي مرشد ميڪاولي جي اصول مطابق هر ممڪن حربي سان طاقت ۾ رهڻ ۽ پوري دنيا تي پنهنجي بالادستي قائم رکڻ جو خواهشمند آهي.



محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله مهر

# انساني شخصيت ۾ موجود فسادي قوت کي روڪڻ جي صورت_ الله جو ذڪر

### جديد مادي نوعيت جي مراقبي جي حوالي سان ڪجهہ بحث

مادي نوعيت جي مراقبي جي ماهر ” اوشو “ چيو هو تہ مراقبي جا حقيقي فائدا روزانو 12 ڪلاڪن جي مراقبي کي معمول بنائڻ سان ملي سگهن ٿا.

اوشو خدا، جي وجود جو انڪاري هوهن جي آشرم ۾ هزارين مرد ۽ عورتون رهندا هئا ۽ مغرب جي لکين ماڻهن کي هن پنهنجي ذهانت، تقريرن ۽ ڪتابن سان متاثر ڪيو_ مراقبي جي مشق مستحڪم ڪرڻ لاءِ هو وڏي فيس وٺندو هو، ايئن هو ارب پتي بڻجي ويو هو، مادي نوعيت جي مراقبي، ان سان عقليت ۽ قوتن جي تسخير ۽ انساني نفسيات جي موضوع تي سندس چار سؤ کن ڪتاب آهن، خالص مادي نوعيت جي مراقبي جي حقيقي اثرات جي باري ۾ جديد دؤر جي ان ماهر دانش جي تحقيق کي جڏهن اسين الله جي ڪثرت ذڪر جي قرآني حڪم ” ياايها لذين امنوا ذڪر الله ذڪرا ڪثيرا “ جي پس منظر ۾ ڏسون ٿا، تہ معلوم ٿئي ٿو تہ انسان ساري تحقيقات ۽ پنهنجي سموري ذهني صلاحيتن جي استعمال بعد آخر ڪار قرآن جي صداقت کي پهچي ويندو، امام غزاليءَ قرآن جي انهيءَ آيت جي تشريح ۾ لکيو آهي تہ ڪثرت ذڪر جي قرآني حڪم جي حد ٻارنهن ڪلاڪ ۽ هڪ منٽ کان شروع ٿئي ٿي.

ذڪر جي باري ۾ اڪابر بزرگن يا باقاعده سلوڪ طئہ ڪرڻ وارن طالبن جي اها حالت رهي آهي تہ سومهڻيءَ جي نماز پڙهي ڪري ذڪر ۽

مراقبي جي حالت ۾ رهندا هئا، جڏهن صبح جو آذان ايندو هو تہ چوندا هئا، يا الله ! رات کي ڇا ٿيو، جو ايڏو جلدگذري وئي، ليڪن موجوده دؤر جي غذا، فضا ۽ صحت کي ڏسي، اهڙن مجاهدن جو تحمل مشڪل آهي. روزانو ٻن کان ڇئن ڪلاڪن جي ذڪر سان ئي انشاء الله اهي ثمرات حاصل ٿيڻ لڳندا، جي ٻارنهن ڪلاڪن جي ذڪر سان حاصل ٿي سگهن ٿا. خاص ڪري اسم ذات ( الله ) جي ٽن ڇئن ڪلاڪن جي قلبي ذڪر جو معمول چند سالن جي اندر اندر نفسي قوت کي پائمال ۽ فرد لاءِ اسلامي شريعت کي آسان بنائڻ لاءِ ڪافي آهي.

### وجدان جي باري ۾ آئن اسٽائن جو بيان ڪيل نڪتو.

دل جي اهميت جي باري ۾ جڳ مشهور سائنسدان آئن اسٽائن لکيو آهي تہ هر سائنسي تحقيق جو سڀ کان اول انڪشاف وجدان تي ٿيندو آهي، تنهن کان پوءِ ان تي غور فڪر، تحقيق ۽ تلاش، تجزيي ۽ تحليل جو ڪم ٿيندو آهي، ان سان جديد سائنس جي حوالي سان بہ اها ڳالهہ واضح ٿي وئي آهي تہ عقل، دراصل وجدان جي ما تحت آهي، وجدان مان ملندڙ رهنمائي ۽ ان جي احڪامات کان بعد ئي عقل جو ڪم شروع ٿئي ٿو.

قرآن ۽ حديثن ۾ دل جي ان فيصلہ ڪن اهميت جو بار بار ذڪر آهي. صوفياءِ ڪرام، قلبي ذڪر جي ذريعي دل جي انهن صلاحيتن کي بيدار ڪري، محبوب سان تعلق ۾ اضافي سان گڏ گڏو نئين نئين معلومات، قيمتي نڪات ۽ انساني شخصيت جي باري ۾ تمام گهڻي معلومات کان آشنا هوندا آهن.

### ٻين جي فڪر ۾ پوڻ جي روش

درويش جي ڪوشش اها هوندي آ، تہ ساڻس لاڳاپيل طالب پنهنجي اصلاح ۽ تزڪي جو فڪر ڪن، هو ٻين تي تنقيد ۽ انهن جي قصن ۽ جهڳڙن ۾ نہ پون، ٻيا ڇا آهن، ڇا ناهن، وڃي اهي ڄاڻن ! اسان کي تہ پنهنجو فڪر ڪرڻ گهرجي تہ اسان جو ڇا ٿيندو، اسان جو پنهنجو نفس ۽ مادي جي



قوتن جي پرستش ۾ قاتل آ. ان کي ڪيئن سنئين واٽ تي آڻجي، ٻين جون ڳالهيون عام طور تي پنهنجي اصلاح جي فڪر کان پري وٺي وينديون آهن، ان سان قلب ڪارو ٿي ويندو آهي، البتہ جيڪڏهن ٻين سان معاملو هجي تہ معاملہ فهميءَ خاطر ڳالهائي سگهجي ٿو پر ان ۾ گهڻي وقت جو زيان طالب جي دل کي غير ۾ مصروف رکي، ڪيس ڏک ۽ رنجيدگي رسائي سگهي ٿو.

البتہ درويش وٽ معاشري ۾ ڪم ڪندڙ شخصيتن، ادارن ۽ جماعتن جي باري ۾ صحيح ذهن سازيءَ جو اهتمام هئڻ ضروري آهي، تہ جئين طالبن ۾ صحيح ۽ غلط کي سمجهڻ جي سگهہ پئدا ٿي سگهي، پر اهو ڪم بہ اهڙو آهي، جنهن ۾ گهڻي وقت جو استعمال مقصد کان هٽائي ٿو.

### دعوت جي محاذ تي ٿيندڙ ڪم ۾ ان جي هڪ ڪميءَ جي نشاندهي

اسان وٽ دعوت جي محاذ تي بہ هڪ عرصي کان وڏي اخلاص سان ڪم ٿي رهيو آهي ۽ امت جا لکين ماڻهو دعوت ۽ تبليغ جي ڪم سان جڙيل آهن، ۽ زندگين ۾ تبديلي بہ پيدا ٿيندي پئي وڃي، ليڪن ماديت پرستي جي وڌندڙ سيلاب ۾ ان ڪم جي وڌيڪ مؤثر نہ ٿيڻ جو هڪ وڏو سبب ڪارڪنن ۾ دعوتي ڪم سان گڏ ذڪر جي مزاج ۽ ملڪي کي راسخ نہ ڪرڻ جي غلطي آهي. ان جو نتيجو آهي تہ ڪارڪن چلي يا ڇئن مهينن جي تبليغ ڪانپوءِ جڏهن انهيءَ مادي ماحول ۾ واپس اچن ٿا تہ ٻن ٽن مهينن جي اندر اندر هو نفس ۽ ماديت جي اثر ۾ اچي وڃن ٿا.

ذڪر کي خاص اهميت نہ ڏيڻ جو هڪ نتيجو . جيڪو دعوتي ڪم ڪندڙ فردن ۾ عام طور پيدا ٿيندو آهي، اهو مزاج جي خشڪي، ڇهري تي مسڪراهٽ جو فقدان، پنهنجي ڪارڪنن کان علاوه سيني سان بي مروتيءَ جو عام مظاهرو، طبيعت جي سختي ۽ پنهنجي محلي ۾ محبت ۽ رواداري واري انسان جي حيثيت سان سڃاڻپ جو فقدان آهي، انهيءَ ڪمي ۽ ڪوتاهيءَ سان دعوت جي ڪم ۾ برڪت اچڻ زندگين ۾ حقيقي انقلاب ۽ معاشري ۾ تبديلي پيدا ٿيڻ مشڪل آهي، اها تمام وڏي

ڪمي آهي، جا ذڪر کي گهٽي اهميت نہ ڏيڻ سان پئدا ٿي آهي، ان ڪميءَ کي ذڪر جي ڪثرت سان ئي پورو ڪري سگهجي ٿو.

چوويهن ڪلاڪن ۾ فقط ذڪر جون ٻي ٽي تسبيحون ۽ ان کي معمول بنائڻ، اها تہ دل ۽ روح جي ٿوري ۾ ٿوري خوراڪ بہ ناهي، دل تہ محبوب لاءِ هر وقت بي چين رهندي آهي، اها بيچيني دور ڪرڻ جي صورت ڪثرت ذڪر سان الله جي انوار حسن کي حاصل ڪرڻ آهي، سيرت ۽ ڪردار ۾ پاڪيزگي جو پيدا ٿيڻ، محبت ۽ رواداري جو پئدا ٿيڻ، پنهنجن پراون لاءِ شفيق هئڻ، ٻين جي دلين ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ، اهي شيون ڪثرت ذڪر جون ئي خاصيتون آهن،تبليغ جماعت جي حضرت مولانا الياس رح فرمايو هو تہ اگر تبليغ جماعت مان علم ۽ ذڪر ڇڏائي وڃي تہ اها فساد ۾ پئجي ويندي.

جيڪتوڻيڪ تبليغ جماعت ۾ اجان بہ خيرجو پهلو غالب آهي،ليڪن جن داخلي ڪمزورين جي ڪري هوءَ معاشري تي اثر انداز ٿيڻ ۽ زندگين ۾ تبديلي آڻڻ ۾ ڪامياب ناهي، انهن ڪمزورين کي دور ڪرڻ ضروري آهي، اها ڪمزوري آهي ذڪر جو نہ هئڻ، ذڪر جو اهتمام جماعت جي بنياد ۾ شامل ٿيڻ ضروري آهي، ٻي صورت ۾ قيل قال، وعظ، نصيحتون ۽ فضائل جون ڳالهيون ماديت جي چوطرف سيلاب جو مقابلو نٿيون ڪري سگهن.

دعوت و تبليغ جي دنيا ۾ ٿيندڙ عظيم ڪم تي تنقيد ڪرڻ، شايد پنهنجي حد ٽپڻ ۾ شمار نہ ٿئي، شايد ان تنقيد ۾ نفس جي ملاوٽ شامل نہ هجي، الله سائين مون کي معاف ڪري!

### ماديت جي غلبي جي دؤر ۾ ذڪر ۽ اشاعت دين جي اهميت

هڪ دنياوي حاڪم اعلان ڪيو آهي تہ مشڪلات جي دؤر ۾ اسان جي جماعت جا جيڪي ڪارڪن اسان جي مدد ڪندا ۽ دفاع ڪندا، تن کي اسين سون ۾ توريندا سين.

اهو ئي معاملو زياده بهتر طور تي الله جي حقيقي طالب سان ان جي



محبوب حقيقيءَ جو آهي، تہ ماديت پرستيءَ جي غلبي جي دؤر ۾ جيڪي طالب ذڪر فڪر جي ذريعي ان هستيءَ تي فدا ٿيڻ جو مظاهرو ڪندا ۽ هن جي دين جي اشاعت ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪندا، الله محبوب انهن کي آخرت ۾ اڏي ڇڏيندو ۽ اهڙين نعمتن سان سرفراز ڪندو . جو دنيا جون ساريون نعمتون ان جي مقابلي ۾ گهٽ آهن. قرآن ۽ حديث ۾ ان جو تفصيل موجود آهي.

### وڌندڙ نفسياتي بيماريون ۽ ان جو علاج

مادي تهذيب، انسانيت کي جيڪو سڀ کان برو تحفو ڏنو آهي، اهو وڌندڙ نفسياتي بيماريون آهن. جنهن سان انسان، احساس تنهائي، بيگانگي، خود اعتمادي جي بحران، احساس ڪمتري، اشتعال، جهنجهلاهٽ، ذهني ۽ عملي صلاحيتن جي فقدان، قوت فيصلا جي سگهہ کان محرومي ۽ اعصابي ٿڪاوٽ جهڙين ڪيترين بيمارين جو شڪار ٿي ويو آهي.

اهي نفسياتي بيماريون ماضي جي بد اعمالين، ماده پرستانہ تهذيب سان وابستگي ۽ ان تي فدا ڪاري ۽ لا شعور کان نڪرندڙ طاقتور منفي يادن ۽ منفي خيالات جي غلبي جو نتيجو هونديون آهن. جديد نفسيات فردن جي انهن نفسي بيمارين جي علاج ۾ بري طرح ناڪام آهي. سواءِ ننڊ جي گورين جي يا خيالي قوت کي مادي تصور تي ڄمائڻ جي مشقن جي، انهن وٽ ان جو ڪوئي مستقل علاج ڪونهي، جڏهن تہ اهل الله، انساني نفسيات جا حقيقي ماهر هوندا آهن. انهن وٽ ان جو مستقل ۽ بهتر حل موجود آهي، انهن جو چوڻ هي آهي تہ جيئن تہ اهي بيماريون منفي خيالن جي غلبي جو نتيجو هونديون آهن. ان ڪري انهن جو علاج مثبت خيالي قوت کي مسلسل ۽ مستقل مزاجيءَ سان وڌائيندو رهڻ آهي، اها مثبت خيالي، قوت الله جي اسم ذات جي مراقبي کان وڌيڪ ڪائي ناهي.

اسم ذات جي مراقبي جو وقت جيئن جيئن وڌندو ويندو، انهيءَ مناسبت سان ذهن ۽ دل تي مثبت خيال جي لهرن جا اثرات غالب ٿي، منفي

خيالات جي قوت کي ٽوڙيندا رهندا، مراقبي جي اها سگهه پيدا ڪرڻ ۾ منفي خيالن ۾ منفي يادن جي زور کي ٽوڙڻ لاءِ روحاني استاد جي صحبت ضروري آهي، ته جيئن هو اسم ذات جي ڪثرت ذڪر جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ طاقتور مثبت شعاعون مريض جي نفسيات ۾ دل و دماغ ۾ داخل ڪندو رهي. روحاني استاد جي صحبت جو هي عمل جڏهن هڪ عرصي تائين جاري رهندو ته نه فقط مريض کي مرض کان پوريءَ طرح شفايابي ملندي، بلڪ هو ان جي قابل ٿي سگهي ٿو ته هو ٻين جي نفسياتي بيمارين جي علاج ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي.

**زندگي جو مثال، ڊرامي لاءِ تيار ڪيل اسٽيج کان وڌيڪ ناهي.**

حقيقي درويش، دنيا جي ان ساري زندگيءَ کي اسٽيج وانگر سمجهي ٿو جا ڪنهن تقريب يا ڊرامي لاءِ ناهي ويندي آهي. ٻن اڍائن ڪلاڪن جي ڊرامي جي فضا ۾ مست رهڻ، بعد اسٽيج جي اها ساري سجاوٽ ۽ رونق ختم ٿي ويندي آهي.

اسٽيج جي هڪ منظر جهڙي عارضي زندگيءَ کي حقيقي زندگي سمجهي، ان لاءِ وڏيون وڏيون عمارتون ۽ محل اڏڻ، الله جون ڏنل ساريون توانايون زندگيءِ جي انهن چند لمحن کي خوشگوار بنائڻ ۾ خرچ ڪرڻ، درويش جي نظر ۾ اها ايتري وڏي حماقت آهي، جو ان کان وڌ ٻي ڪا حماقت ٿي نٿي سگهي.

**ذڪر سان زندگيءَ جي عارضي هجڻ جو احساس طاقتور ٿئي ٿو.**

فرد ۾ ذڪر ان احساس کي سگهارو بڻائي ٿو ته زندگيءَ جا قيمتي لمحات برف جيان تيزيءَ سان پگهربا پيا وڃن. انهن لمحن تي ابدالاباد ( هميشه واري ) زندگيءَ جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو دارومدار آهي، انهيءَ ڪري بنده مؤمن زندگيءَ جي ڏنل مهلت کي ضايع ڪرڻ، ان کي سستي ۽ غفلت ۾ خرچ ڪرڻ يا مال جا ڍير جمع ڪرڻ ۾ وڃائي نٿو سگهي_ هو انهن لمحن کي دائمي زندگيءَ جي بهتري ۽ ان ۾ نجات جي حاصلات استعمال



ڪري ٿو ان جو مؤثر ذريعو ڪثرت ذڪر ئي آهي، هو ذڪر کي وظيفو بڻائي ٿو ته جيئن ان ذريعي باطن جي سيني جذبن جي تسڪين جي صورت به پئدا ٿي سگهي ته آخرت جي دائمي زندگي جي تياريءَ جو فڪر به غالب ٿي سگهي.

**نفس سان ويڙهه لاءِ لڳاتار مجاهدن جي ضرورت**

اها ڳالهه ذهن نشين هئڻ ضروري آهي ته طالب جڏهن اسم ذات ذريعي اندر ۾ ٽبي هڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته نفس ۾ شيطان پنهنجين سارين توانائين سان طالب تي حملو ڪندا آهن. مٽس وسوسن جو هجوم طاري ڪري ڇڏيندا آهن، انهيءَ سان طالب منڊ ۾ شديد ڪشمڪش ۾ پوندو آهي، ڇاڪاڻ ته نفس جون خونخوار قوتون جان ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن هونديون بلڪ ذڪر سان هو ڇتيون ٿي، فرد جي ذهن کي وڪوڙي ڇڏينديون آهن، اگر طالب همت ۾ حوصلي کان ڪم ورتو ۽ روحاني استاد جو هٿ پڪڙي هلندو رهيو ته نفس ۾ شيطان جي انهن قوتن سان مقابلي لاءِ منجهس مزاحمانه قوت پئدا ٿيندي وڃي ٿي ۽ ان ۾ اضافو ٿيندو وڃي ٿو_ ٻي صورت ۾ طالب تي فرار ٿيڻ جا خيالات غالب اچڻ لڳندا آهن.

ان راهه ۾ طالب کي قدم قدم تي همت ۾ حوصلي کان ڪم وٺڻ جي ضرورت پوندي آهي. نفسي قوتن سان مقابلي ۾ ڪيس جڏهن به ڏکيائي پيش ايندي آهي ۾ سندس حوصلو ٽٽڻ لڳندو آهي ته روحاني استاد جي صحبت ڪيس ٻيهر اٿاري ذوق شوق سان ان راهه ۾ هلڻ تي آماده ڪندي آهي.

نفس سان جنگ ڪن ڏينهن يا مهينن جو ڪم ناهي، بلڪ ورهيه لڳندا آهن. نفسي قوتون فرد تي روز روز حب جاهه ۾ حب مال ۾ مادي حسن تي فدائيت جهڙن جذبن جي صورت ۾ حملو ڪنديون آهن. ذڪر ۾ صحبت جو مسلسل اهتمام، طالب جي نفس کي ڦيريون " لوامه " ۾ ان کان بعد " مطمئنه " جي مقام تي پهچائڻ جو ذريعو ثابت ٿيندو آهي.

جيئن ته زندگي لڳاتار جدوجهد جو نالو آهي، ان ڪري نفس سان

جنگ ڪري، ان کي مڪمل طور تي الله ۽ رسول جي اطاعت ۾ ڏيڻ ۽ انسانن لاءِ ان جي زهر کي ختم ڪرڻ لاءِ ذڪر ۽ فڪر جا مجاهدا اڻ ٽر آهن۔ انهيءَ بنا تهذيب نفس جو عمل ممڪن ناهي، ۽ تهذيب نفس کان بغير انساني معاشرو هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ درندن بلڪ ان کان به وڌيڪ بدتر صورت اختيار ڪري وٺي ٿو.

**ذڪر کان دوريءَ سان بندي ۽ الله جي وچ ۾ وحشت جو پيدا ٿيڻ.**

ذڪر جي باري ۾ امام ابن قيم فرمايو آهي ته جيڪو شخص ذڪر کان غافل ٿي وڃي ٿو، اهو "احسان" جي مقام تي نٿو پهچي سگهي.

ٻانهو جيتريقدر ذڪر کان غافل ٿئي ٿو، اهو اوترو ئي الله کان دور ٿئي ٿو غافل ۽ الله جي وچ ۾ وحشت پيدا ٿي وڃي ٿي، جيڪا الله جي ذڪر بنا ختم نٿي ٿئي ۔ يعني ذڪر کان دوري ۽ ان کان محروميءَ جي جيڪا سزا ملي ٿي، اها الله کان وحشت پئدا ٿي وڃڻ جي سزا آهي. اهڙو فرد توڻي جو رسمي ديندار ئي ڇو نه هجي، ليڪن ان جي دل، محبوب حقيقيءَ کان دور هوندي آهي، هن تي نيڪين جا دروازا کلڻ بجاءِ برائين جا رستا کلندا آهن، هو شيطان هٿان اغوا ٿي ويندو آهي، مٿس هر وقت مال ۽ دنيا جي محبت جا جذبا سوار رهندا آهن. ذڪر کان محروميءَ جي ڪيڏي نه وڏي سزا آهي، پاڻ سنڀالڻ جي ضرورت آهي.

**درويشن جو ڪم الله جي محبت جي صدا ڏيندو رهڻ آهي.**

معاشرو ايڏو بدلجي ويو آهي،جو ماڻهن ۾ نه ته الله جي محبت جي حوالي سان گفتگو ٻڌڻ لاءِ آمادگي ملي ٿي، نه ئي معاشري ۾ ان محبت جو ادراڪ آهي. درويشن کان الله جي محبت جو وسريل سبق سکڻ لاءِ يا ته نفسياتي مريض، جن جي صحت جا سمورا رستا بند ٿي چڪا هوندا آهن، اهي ايندا آهن يا وري غريب وغيره، جڏهن ته دانشور، اهل علم، با صلاحيت ۽ سکيا ستابا ماڻهو اهو رستو ڇڏي وينا آهن. انهيءَ ڪري معاشري ۾ ماديت ۽ دنيا واريءَ جي هڪ نه ختم ٿيڻ واري ڊوڙ شروع ٿي وئي آهي، جا ديوانگيءَ



جي حد تائين پهچي چڪي آهي، درويشن جو ڪم الله جي محبت جي صدا ڏيندو رهڻ آهي، هو ان فڪر کان بلند هوندا آهن ته انهن جي دعوت کي ڪيتري حد تائين پذيرائي ملي ٿي، هو ته محبوب حقيقي جي رضا خاطر اهو ڪم ڪري رهيا هوندا آهن.

**ذڪر، انسان جي احساس کي پاڪيزه بڻائي ٿو.**

ذڪر جي هڪ وڏي خصوصيت، احساس جي پاڪيزگي آهي.اها هڪ اها نعمت آهي، جنهن کان محروميءَ جي ڪري فرد ۽ افراد جي زندگي زهر بڻجي وڃي ٿي ۽ ساري زندگي غلط احساسن جي زير اثر ٽانڊن تي سمهڻ جي برابر ٿي وڃي ٿي. ذڪر سان جڏهن احساسن ۾ پاڪيزگي پيدا ٿيڻ لڳندي آهي ته دنيا، دولت، دوست، عزيز ۽ معاشري جي ماڻهن جي باري ۾ نقط نگاه ۽ رويي ۾ وڏي تبديلي اچي ويندي آهي، پوءِ وڌ کان وڌ دولت حاصل ٿيڻ جو احساس، دولت تي نانگ بڻجي ويهڻ جو احساس، وڏائيءَ جو احساس، معاشري ۾ عزت ۽ شهرت حاصل ٿيڻ جو احساس، ٻين جي تحقير جي قيمت تي پنهنجي وڏي هئڻ جو احساس، دوستن عزيزن سان معمولي اختلاف تي ڦيٽاڙي جو احساس، ڪاروبار ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ حريصانه ۽ رقيبانه احساس وغيره، انسانيت جي انهن سارن منفي احساسن کان بلندي جي صورت پيدا ٿي ويندي آهي، احساس جي خرابي فرد کي انهن سارين خرابين ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿي، جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو انهيءَ ڪري چوندا آهن ته انسان اصل ۾ نالو آهي احساس جو!

احساس پاڪيزه ٿي وڃي ته پوري انساني زندگي پاڪيزگيءَ واري بڻجي ويندي آهي۔ احساس ناپاڪ ۽ غلط ٿي وڃي ته ساري زندگي ظلمات، سياهه ڪارين، باطني اضطراب، بي يقيني ۽ دنيا جي جهنمي احساسن سان سرشار ٿي وڃي ٿي.

دنيا ۾ هاڻ تائين ڪابه اهڙي شيءِ وجود ۾ ناهي آئي ( ۽ نه ئي اچي سگهي ٿي ) جا ماڻهوءَ جي احساسن کي پاڪيزه بڻائي سگهي، اهو الله جو

ذڪر ئي آهي، جو فرد جي احساس کي پاڪيزه بڻائي، ان ۾ صبر، شڪر، قناعت، زهد، درويشي، الله جي مخلوق سان محبت، ڪجهه به نه هئڻ جي باوجود سڀ ڪجهه هئڻ جي احساس سان مالامال ڪري ڇڏي ٿو.

**ذڪر، فرد جي احساسن جي لطافت جو ذريعو.**

ذڪر جي ٻي وڏي خصوصيت هيءَ آهي ته اهو فرد ۽ ان جي محبوب حقيقيءَ جي وچ مان سمورا حجاب دور ڪري ۽ سارن فاصلن کي ختم ڪري، هڪٻئي جي ويجهو ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن طالب ۽ مطلوب جي درميان قربت پئدا ٿي وڃي ته فرد جي احساسن جي لطافت بي پناهه ٿي وڃي ٿي.

**ذڪر، حقيقي علم تائين رسائيءَ جو ذريعو.**

ذڪر جي ٽين وڏي خصوصيت هيءَ آهي ته اهو فرد لاءِ حقيقي علم ۽ معرفت تائين پهچڻ جو ذريعو آهي، ۽ اهڙو علم، جنهن سان قيل قال کان اڳتي وڌي، عمل صالحه جي قوت پئدا ٿي سگهي، اهڙو علم ۽ معرفت، جنهن سان قرآن ۽ سنت تي عمل ڪرڻ ۾ آساني پئدا ٿي سگهي، اسان جو مشاهدو آهي ته ماڻهن ۾ علم ته گهڻو هوندو آهي، هو سڀ ڪجهه ڄاڻي رهيا هوندا آهن، ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ وٽن تمام گهڻي معلومات هوندي آهي، پر ڪين جڏهن عمل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ته خبر پوندي آهي ته هنن جو علم هنن کي بهتر انسان، صالح انسان ۽ پاڪيزه انسان بنائڻ ۾ ناڪام آهي، ان جو سبب اهو ئي آهي ته ذڪر ۽ اهل الله جي صحبت کان دوريءَ جي ڪري علم فقط قيل قال، ٻين کي ٻڌائڻ يا رسمي دينداري پئدا ڪرڻ تائين آهي، اهڙي علم ۾ اها طاقت ناهي هوندي، جا فردن جي زندگيءَ ۾ حقيقي تبديلي پئدا ڪري، کين انساني جوهر وارو بنائي سگهي.

اهو ڪثرت ذڪر جو نور ئي آهي، جيڪو ماڻهن کي قرآن ۾ موجود نور تائين پهچائڻ ۽ ايمان جي گهراين تائين رسائيءَ جو ذريعو بڻجي ٿو.



يهدي الله لنوره من يشاء

(الله جنهن کي گهرندو آهي پنهنجي نور سان فيضياب بڻائيندو آهي).

ومن لم يجعل الله له نورا فماله من نور

( جنهن کي الله نور نه ڏيڻ چاهي تنهن لاءِ ڪوئي نور ئي ناهي )

**جديد انسان کي وچڙيل نفسياتي بيماريون ۽ انهن ۾ ماده پرست نفسياتي ماهرن جو ڪردار**

موجوده دؤر ۾ انساني نفسيات ۾ پيدا ٿيل فساد، جنهن عالمگير صورت اختيار ڪري ورتي آهي ۽ ڪروڙين بلڪ اربين انسانن کي نفسياتي مريض بڻائي، انهن جي زندگين ۾ زهر وجهي ڇڏيو آهي، اهو انسان جي حقيقت، اصليت ۽ نوعيت کي نه سمجهڻ ۽ ان کي حيواني الاصل قرار ڏئي، هن جي حيواني ضروريات جي تڪميل جي مقصد خاطر اجتماعي نظام جي صورت گري آهي ۽ نظام تعليم و تربيت جي سارن نقشن جي، انهن ئي بنيادن تي تياري آهي، انهن ئي نظرين تي عالمي سرمايه داري جو نظام قائم آهي ۽ انهن ئي نظريات سان جديد مادي تهذيب وجود ۾ آئي آهي. اهي نظريات، جن پوري دنيا کي متاثر ڪيو آهي، ميڊيا ۽ تعليم و تربيت جي نظام ذريعي شعوري يا غير شعوري طور تي ان جا همه گير اثرات پئدا ٿي ويا آهن_ انهن نظرين جي مختصر جهلڪ مغرب جي مڃيل ماهرين نفسيات ميگڊوگل، فرائڊ ۽ ايڊلر جي نظرين ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

اهي نظريا جديد علوم حياتيات و نفسيات جي بنياد ۾ شامل آهن، جيئن ته مسلم دنيا جا ماهرين تعليم، حڪمران ۽ پاليسي جوڙڻ وارا سڀ جا سڀ مغرب جا فڪري پوئلڳ آهن، بلڪ صحيح معنيٰ ۾ انهن جا ذهني غلام آهن، ان ڪري اسان جي نظام تعليم ۾ به انهن نظرين جو پورو پورو اثر شامل آهي.

**ميگڊوگل جو حيواني نظريو.**

ميگڊوگل چوي ٿو ته " انسان هڪ حيوان آهي، جنهن جو ڪوئي فعل

اهڙو ناهي، جو هن جي ڪنهن نہ ڪنهن جبلت جي تقاضا سان نہ ٿيندو هجي. جيستائين انسان ڪي ڪا جبلت نہ اڀاري، تيستائين هو نہ ڪو ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن ڪم بابت سوچي سگهي ٿو.

جبلت ڇاهي؟ ڪنهن خاص رخ ۾ عمل ڪرڻ جي هڪ فطرتي دٻاءَ جو نالو آهي. هي دٻاءُ قدرت، جسم ۽ دماغ جي مادي جوڙجڪ ۾ رکيو آهي، انسان جي اندر اهي ئي جبلتون ڪم ڪنديون آهن. جيڪي حيوانن ۾ موجود آهن_ ٻک، غصو، جنسيت، حيواني فرار، انساني جبلتن جا مثال آهن. هر جبلتي خواهش جي عمل ۾ هڪ خاص جذباتي ڪيفيت موجود رهي ٿي، هر جبلت هڪ اندروني يا ٻيروني ترغيب سان عمل ڪري ٿي. پوءِ جبلتي خواهش جي تڪميل ۽ تشفي انسان لاءِ هڪ خاص قسم جي خوشي جو سبب هوندي آهي.

**فرائيڊ جو نظريہ لاشعور ۽ نظريہ جنس**

فرائيند چوي ٿو . انساني نفس صرف اهوئي ناهي، جنهن کي اسين شعور چوندا آهيون ۽ جنهن جي مدد سان اسين سوچيندا، ڄاڻندا ۽ محسوس ڪندا آهيون ۽ آسپاس جي حالات ۾ تبديلي ڪرڻ جي قابل سمجهندا آهيون، بلڪ انساني نفس جو هڪ حصو اهڙو بہ آهي، جو اسان جو شعور جي سطح جي هنيان موجود رهندو آهي.

اهو حصو جنهن کي فرائيڊ " لاشعور " جو نالو ڏي ٿو هن جي خيال ۾ انساني شخصيت جو تمام وڏو حصو آهي، جيڪو ٻاهرين دنيا جو جائزو وٺڻ لاءِ مٿي اڀري آيو آهي. شعور جو لاشعور سان اهو ئي تعلق آهي، جهڙو سمنڊ جي جهڳ جو سمنڊ سان آهي. ڇاڪاڻ جو شعور جا سڀ جذبا، احساس ۽ خيال لاشعور مان ئي اڇن ٿا.

لاشعور ۾ هڪ خواهش جو طوفان جيڪو هر وقت برپا رهندو آهي اها خواهش دراصل جنسي خواهش آهي،جنهن کي هر مرد توڙي عورت جو لاشعور آخري حد تائين مطمئن ڪرڻ چاهي ٿو ليڪن لاشعور پنهنجن



جنسي خواهشن کي شعور جي ذريعي پورو ڪرڻ چاهي ٿو ان ڪري هو شعور کي مجبور ڪري ٿو تہ هو هن جي تسڪين جو انتظام ڪري، جيتوڻيڪ شعور حقيقت ۾ جيڪو لاشعور جو هي هڪ حصو ۽ پيداوار آهي، سو لاشعور جي خواهش کي پورو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندو آهي، پر ڪيترائي ڀيرا انهن کي پورو نہ ڪري سگهندو آهي، ان جو سبب هي آهي تہ معاشري جو دٻاءُ هوندو آهي، جيڪو هن کي خواهشات جي تڪميل کان روڪيندو آهي.

فرائيڊ چوي ٿو تہ انسان پنهنجي پيدائش جي وقت پنهنجو لاشعور پاڻ سان کڻي اچي ٿو ان ڪري سندس جنسي خواهش جو عمل ننڍپڻ کان ئي شروع ٿي وڃي ٿو. جڏهن تہ عام خيال هي آهي تہ جنسي خواهشون جوانيءَ ۾ پيدا ٿين ٿيون. ان خيال کي رد ڪرڻ لاءِ فرائيڊ چوي ٿو تہ ٻار جيڪو پنهنجي آڱوٺو چوسي ٿو يا ماءُ جو کير ڏائي ٿو، ان سان کيس جيڪا تسڪين ملي ٿي، اها جنسي تسڪين آهي، مختصر طور تي فرائيڊ جي خيال ۾ انسان، شهوت جي غلبي هيٺ آيل حيوان آهي، جنهن کي قدرت هينئين ٽن طريقن مان هڪ طريقو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي.

(1 ) انسان، پنهنجي لاشعور جي حد درجہ شرمناڪ جنسي خواهش کي پوري آزادي ۽ بي حيائيءَ سان پورو ڪري، سماج ان کي ڪيترو بہ برو سمجهي، پر هو ان جي پرواهہ نہ ڪري.

(2 ) هو سماج جي خوف کان پنهنجي طاقتور جنسي خواهشن کي همت سان دٻائي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ ٽينشن، هسيريا، جنون، خوف ۽ دماغي بيمارين وغيره ۾ مبتلا ٿي وڃي.

( 3 ) هو پنهنجين جنسي خواهشن جي تسڪين بجاءِ مذهب، اخلاق، علم ۽ هنر جهڙين سرگرمين سان پاڻ کي دوکو ڏيندو رهي، پر کيس ياد رکڻ گهرجي تہ اهي شيون وهم کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهن انهن جو ڪو قدر قيمت ناهي، سواءِ ان جي، تہ اهي هن جي ڏڪايل دل کي دلاسا ڏيندڙ آهن.

## ايڊلر جو ٻين تي بالادستي حاصل ڪرڻ وارو نظريو

ٿيون نظريو، جنهن مغرب کي هڪ ٻئي تي " برتري حاصل ڪرڻ ۽ طاقت حاصل ڪرڻ ئي زندگيءَ جو نصب العين آهي " واري راهہ تي هلايو آهي، اهو ايڊلر جو نظريہء احساس برتري آهي.

ايڊلر جو چوڻ آهي تہ " لاشعور جي اندر هر وقت جنهن خواهش جو طوفان برپا رهي ٿو، اهو جنسي قسم جو ناهي، بلڪ ٻين تي برتري حاصل ڪرڻ جو طوفان آهي. البتہ ايڊلر بہ فرائيڊ جيان مذهب، اخلاق، علم، فلسفي، آرٽ ۽ ٻين اعليٰ انساني سرگرمين کي انسان جو وهم سمجهي ٿو ۽ سماج جون بيوقوفيون قرار ڏئي ٿو انهن جي اهيمت کي فرضي ڄاڻي ٿو هن جو خيال آهي تہ انساني زندگيءَ جي سموري ڀڄ ڊڪ ۽ هڻ هٽان جو مقصد هي آهي تہ هو پاڻ کي ٻين تي غالب ڪري، ننڍپڻ ۾ هو پاڻ کي وڏن جي مقابلي ۾ ڪمزور ڏسي ٿو سندس ڪمزوريءَ جو اهو احساس سندس ذهن ۾ ويهجي وڃي ٿو پوءِ سندس هميشہ اها ڪوشش رهي ٿي تہ ان ڪمزوريءَ بدران طاقت حاصل ڪريان.

## مسلمان ڏاهن جو الله سان محبت جو نظريو.

نفسيات ۽ طبعيات جي ماهرن جي انهن نظرين جي ابتڙ مسلم حڪماء جو چوڻ آهي تہ انساني فطرت ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور نصب العيني جذبو " الله سان محبت جو جذبو " آهي، باقي سارا جذبا ۽ لاڙا انهي طاقتور جذبي جي اثر هيٺ آهن. مسلم حڪماء چون ٿا تہ سمورن پيغمبرن جي اچڻ جو مقصد اهو ئي هو آهي تہ انسانن ۾ الله جي محبت جي طاقتور فطري جذبي کي ( جنهن کي ماحول حالتون، تعليمي ۽ تربيتي نظام ۽ شر جون طاغوتي قوتون دٻائي ڇڏين ٿيون) بيدار ڪري، مخلصانہ اطاعت سان ارتقائي صورت ڏني وڃي. جنهن سان انسان جي سمورن جذبن جي ازخود تسڪين ٿيندي ويندي، ۽ انسان اشرف المخلوقات جي حيثيت اختيار ڪري، دنيا ۾ پنهنجي صحيح جي ڪردار جي ادائيگيءَ جي قابل ٿي



سگهندو، انهيءَ نصب العيني گهر جي تڪميل جي صورت، الله جي عبادت، ان جو ذڪر ۽ فڪر، ڪائنات ۾ تفڪر ڪرڻ ۽ ڪائنات جي شين ۾ موجود قدرتي قانونن جي دريافت ۽ انهن جي ذريعي پنهنجي خالق جي معرفت حاصل ڪرڻ ۽ ان معرفت کي وڌائيندو رهڻ آهي. مسلم حڪماء، جن کي صوفياءِ ڪرام بہ چئي سگهجي ٿو جن جي فڪري نمائندگي امام غزالي، مولانا رومي، حضرت شيخ احمد سرهندي ۽ علامہ اقبال وغيره جن ڪئي آهي. انهن پنهنجي فڪر ۾ تفصيل سان پنهنجي ان نظريي کي بيان ڪيو آهي، انسان جي نصيب العين طئہ ڪرڻ جي باري ۾ هنن جو اهو مؤقف، دراصل قرآن ۽ سنت جي گهري مطالعي ۽ صلحاءِ امت جي اجماع کان ئي ورتل آهي، ۽ صوفياءِ ڪرام چوڏنهن سئو سالن کان اربين انسانن تي ان جا تجربا ڪري، انهن جي نفسياتي تجزيي ۽ تحليل ذريعي ان نظريي جي صحت کي سؤ سيڪڙو حد تائين ڪامياب ثابت ڪيو آهي، ساري مسلم نفسيات هاڻ تائين ڪروڙين اربين مسلمانن جي انهيءَ تجزيي ۽ تحليل سان ئي بحث ڪري ٿي.

موجوده دؤر جي انسان جون جملہ نفسياتي ۽ ذهني بيماريون، فڪري انتشار، اعصابي تناءُ، بي يقيني، بي اعتمادي، غير معمولي حساسيت، چڙ، دل جي زيروزبر هجڻ جي بيماري، ٻين سان اٽڪڻ جي نفسيات، احساس تنهائي ۽ مظلوميت ۽ احساس بي وسيءَ جهڙيون ساريون خرابيون ۽ پيچيدگيون مسلم حڪماء جي " نصب العيني داعيي " جي ذريعي آسانيءَ سان دور ٿي سگهن ٿيون، اهڙي طرح انسانيت، نفسيات ۾ پيدا ٿيل فساد جي ڪري هولناڪ تباهيءَ کان بچي سگهي ٿي.

# هندوڏاها

## اسلام جي شاهراه تي

## جناب محمد نعيم صاحب
## (اڳوڻو نالو اتر پال سنگهه چوهاڻ)

جناب محمد نعيم، صاحب ( اڳوڻو نالو اتر پال سنگهه چوهاڻ )

احمد اواهه : السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

نعيم: وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته

سوال: سائين، ابي جو فون توهان ڏانهن آيو هوندو. مون کي بابا سائين انٽرويو وٺڻ لاءِ موڪليو آهي.

جواب : جي، حضرت صاحب جو فون آيو هو. مون توهان جو انتظار پئي ڪيو. حضرت جن فرمايو ته ارمغان رسالي ۾ توهان جو انٽرويو ڇپائڻ چاهيون ٿا. مون چيو ته آئون حاضر آهيان، دين جي ڪم ۾ حصو وٺڻ خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

سوال : ته پوءِ نعيم صاحب، توهين پنهنجو خانداني تعارف ڪرايو؟

جواب : آئون اڄ کان 50 سال اڳ بهرائچ جي هڪڙي راجپوت گهراڻي ۾ پيدا ٿيس. والد صاحب هڪڙي سرڪاري اسڪول ۾ هيڊماسٽر هو. اسڪول مان مون بهرائچ مان انٽر، پاس ڪرڻ کانپوءِ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ورتي، اهڙي طرح دهلي ۾ جامعه مان مون سول ۾ بي اي ڪئي. ان کانپوءِ ڊي ڊي اي ۾ مون کي نوڪري ملي وئي، طبيعت گرم هئي، اباڻو ڏنڌو زمينداري هو، رشوت ڏيڻ وٺڻ، اسان جي پتاجي (والد صاحب ) سڀ کان وڏو پاپ پڙهايو، آفيسرن ۽ ڪامورن سان جهڳڙا پيا ٿيندا هئا، تنهنڪري



سپيندڀ ته ٽيڙو پيو. هڪڙي ڏينهن بيزار ٿي رزائين ( استعيفا ) ڪري ڇڏيم. ان کانپوءِ هڪڙي ڪنسٽرڪشن ڪمپني، هڪڙي صاحب سان گڏجي ٺاهيم. پرائيويٽ ٺيڪا ڪٽي ڪم ڪيم. ڪم سٺو هليو ۽ وڌيو ته ڊي ايل ايف جا ڪم ڪٽڻ لڳس، هڪ اڌ وڏي ڪمپني جا ڪم به ورتم. ڪم ٿورو اڳتي وڌيو ته اسان دهليءَ ۾ شاپنگ مال جو ٺيڪو ورتو. ان ۾ نفعي جي چڱي اميد هئي، پر ڀائيوار جي نيت ۾ فرق اچي ويو. مالڪن به دوکو ڏنو، اوچتو اسان جي ڪمپني گهاٽي ۾ هلي وئي، لوهه ۽ سيمينٽ جي اگهه وڌڻ، باهه ۾ تيل جو ڪم ڪيو. دهليءَ جا نو پلاٽ ۽ ست فليٽ وڪڻي به نقصان جو پورائو ڪو نه ٿيو. ڳالهه وڃي عدالت ۾ پهتي، گاڏي وڪڻي پئجي وئي، 2500 روپين ۾ هڪڙي ڪٽارا ماروتي ڪار ورتم. قرض خواهن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو، اوچتو مالڪ جي رحمت مون تي پلٽو کاڌو، زندگي جي اونداهه ۾ نور جو ڪرڻو پيدا ٿيو. مون ڪاري ڪوجهي بندي تي مالڪ کي رحم آيو ۽ زندگي روشن ٿي وئي.

سوال : پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو احوال ٻڌايو؟

جواب: 13 اڪتوبر جي تاريخ منهنجي زندگيءَ جي تاريڪ ترين تاريخ هئي، مون کي پوليس وارن قرض خواهن جي دٻاءَ تي گرفتار ڪيو ۽ مون سان قرض خواهن وڏي بدتميزي ڪئي، ايتري قدر جو آئون بيان نٿو ڪري سگهان، مون پنهنجي پندرنهن سالن جي پٽ سان، زال ۽ ٻن ڌيئن کي عزت بچائڻ خاطر ڳوٺ موڪلي ڇڏيو. 14 اڪتوبر تي صبح جو ڪجهه مقدمن جي سلسلي ۾ جامعه نگر ۾ غفار منزل جي هڪڙي وڪيل سان مشوري لاءِ صبح سوير پهتس، ساڍي نوين وڳي مشورو ڪري موٽيس، غفار منزل کان ٻاهر جامعه بائونڊري وٽان گاڏيءَ ۾ اڪيلو پئي ويس، ڏٺم ته توهان جو والد صاحب پيادل رستي تي وڃي پيو، مون کي خيال ٿيو ته ڌارمڪ ( مذهبي ) ماڻهو آهي، پيدل پيو وڃي، ڇو نه کيس گاڏي ۾ وهاريان، شايد هي مون کي ڪو اپاءُ ( علاج ) ڏسي. مون گاڏي روڪي. مون چيو اچو روڊ تائين

باره ۾ توهان کي ڇڏيان ! حضرت صاحب چيو " نہ تمام شڪريو اصل ۾ مون کي مارننگ واڪ جو موقعو ڪونہ ٿو ملي، سو پيدل پيو وڃان. مون چيو اسان کي بہ سيوا ( خدمت ) جو موقعو ڏيو اچو پليز وهو هو منهنجي پرسان اڳئين سيٽ تي ويهي رهيو. مون پڇيو، توهان ڪيڏانهن پيا وڃو؟ هن چيو تہ مون بٽلا هائوس خليل الله مسجد جي پرسان ويٺو آهي، جامعہ کان ٻاهر مين روڊ تي هن لهڻ جي ڪئي، منهنجي دل چيو تہ ٿورو وقت اچا بہ هن سان گذاريان. مون چيو تہ پنجن منٽن جي ڳالهہ آهي، آئون توهان کي بٽلا هائوس تائين ڇڏي ٿو اچان. هو "نہ، نہ " ڪندو رهيو، پر مون گاڏي ڪانہ روڪي. هن منهنجو نالو پڇيو، مون ٻڌايو تہ اتر پال سنگهہ چوهاڻ منهنجو نالو آهي. منهنجو نالو پڇي هن منهنجو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيائين تہ " مون سان توهان فقط انساني همدردي جي ڪري احسان ڪيو آهي، مون کي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي آهي، دل چوي تي هن جيون ( زندگيءَ ) ۾ ان ڪانپوءِ اچڻ واري جيون ۾ ڪم اچڻ وارو هڪڙو تحفو توهان کي ڏيان. اهو مالڪ جيڪو سنسار کي هلائيندڙ ۽ خلقيندڙ آهي، تنهن جا سٺا نالا آهن، انهن نالن مان بہ نالا هي آهن يا هادي ۽ يا رحيم. هادي معنيٰ منزل تي پهچائڻ وارو ۽ رحيم جي معنيٰ آهي، سڀني کان وڌيڪ ديا ۽ رحم ڪرڻ وارو، صبح جو اٿي اشنان ڪرڻ يا هٿ منهن ڌوئڻ ڪانپوءِ اهو خيال ڪندي تہ آئون مالڪ کي ياد پيو ڪريان سئو دفعا يا هادي ۽ سئو دفعا يا رحيم پڙهي ڇڏيندا ڪريو. ڪاروبار يا فيملي يا ڪنهن ٻئي قسم جي مشڪل هجي تہ پنهنجي مالڪ سان سڌو اوريو ( دعا ڪريو ) انشاء الله تمام جلد مشڪل حل ٿي ويندي. هي مالڪ جي هاٿ ميل لائين فون لائين مون توهان کي ڏسي آهي.

مون چيو "ميان صاحب! آئون اڄڪلهہ ڏاڍو پريشان آهيان، جيڪڏهن توهين منهنجي مشڪل ٻڌو، تہ شايد توهين بہ روئي ڏيو" ايئن چوندي منهنجي اکين مان لڙڪ نڪري ويا. حضرت صاحب چيو بس مون کي ٻڌائي ڇا ڪندا، اسين سڀ مشڪلن ۾ ڦاٿا پيا آهيون، جيڪو پاڻ مشڪل



۾ ڦاٿل هجي تنهن کي سٽائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ بس، توهين اهي نالا پڙهي پنهنجي اڪيلي مالڪ کي احوال ٻڌايو جنهن کي ٻڌائڻ سان نہ ڪڏهن ذلت ٿيندي ۽ نہ ڪڏهن شرمندگي ۽ جنهن جي هٿ ۾ سڀ ڪجهہ آهي"بس انهيءَ جاپ ( ورد ) جي هڪڙي پرهيز آهي، هن اڪيلي ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي پوڄا، ڪنهن ٻئي جي آڏو سر نہ جهڪائجو، هٿ نہ جوڙجو نہ ڪنهن پير پيغمبر جي آڏو نہ ڪنهن ديوي ديوتا جي آڏو ڇڱو اهو آهي تہ گهر ۾ جيڪڏهن مورتيون هجن تہ انهن کي گهر کان ٻاهر پهچائجو " مون شڪريو ادا ڪيو ۽ موڪلائڻ وقت هٿ ٻڌي بينس، هو چوڻ لڳو بس اهائي تہ بدپرهيزي آهي، پرهيز علاج لاءِ دوا ۽ غذا کان بہ ضروري آهي. مون سوري چئي، معذرت ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو مون اشنان ( غسل ) ڪيو ۽پوءِ اڪيون پوري سؤ پيرا يا هادي ۽ سؤ پيرا يا رحيم پڙهيم، احمد صاحب، آئون بيان نٿو ڪري سگهان، مون کي محسوس ٿيو تہ جڻ مالڪ سائين منهنجي اڳيان آهي، ۽ مون پنهنجي دک داستان هن کي ٻڌائي آهي. ۽ دعا ڪيم تہ اي منهنجا مالڪ! توکي ڇا ٻڌايان، تون تہ مون کان بہ وڌيڪ ڄاڻين ٿو. اڌ ڪلاڪ روئندو رهيس، اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ جيتوڻيڪ حالتون ايئن ئي هيون، پر منهنجي دل دماغ تان جڻ بار لهي ويو. ايئن ٻئي لڳو، جيئن مون پنهنجو مقدمو ٻئي جي سپرد ڪري ڇڏيو آهي، قرض وارا انهي ڏينهن بہ آيا، پر انهن مون سان شرافت سان ڳالهايو. دل چيو تہ اهي نالا آئون شام جو بہ پڙهان، پر حضرت صاحب مون کي فقط هڪڙو پيرو پڙهڻ لاءِ چيو هو. خيال آيو تہ مالڪ جو نالو آهي، پلي ڪيترا پيرا پڙ هجي، پر وري خيال آيو تہ حڪيم جي ٻڌايل طريقي تي دوا استعمال ڪرڻ گهرجي، حضرت صاحب جو نہ مون پتو پڇيو ۽ نہ فون نمبر ورتم، نڪي وري پاڻ ٻڌايائين، آئون جامعہ نگر ڏانهن گاڏيءَ ۾ ويس، شام جو ٽين وڳي کان رات تائين اوکلا ۽ آس پاس چڪر لڳائيندو رهيس، پر حضرت صاحب ڪونہ مليو اونداهہ ٿيڻ تي

موٽي گھر آيس ۽ صبح جو انتظار ڪرڻ لڳس. صبح سويري وهنجي سهنجي يا هادي يا رحيم پڙهيم. طبيعت تي سنو اثر ٿيو هفتي تائين روز پڙهندو رهيس. ڏينهن جو بي اختيار زبان تي يا هادي يا رحيم جاري ٿي ويندو هو تن ڏينهن ڪانپوءِ گھر مان سيئي مورتيون ڪٺي مندر ۾ رکي آيس. 21 آڪتوبر تي شاپنگ مال جي مالڪ جي مقدمي جو فيصلو اچڻو هو. مقدمو هاءِ ڪورٽ ۾ هو. فيصلو اسان جي حق ۾ ٿي ويو ۽ عدالت 85 لک روپيا هڪ مهيني اندر ادا ڪرڻ جو حڪم ٻڌايو منهنجي خوشي جي ڪا حد ڪانه هئي. 25 آڪتوبر تي گرين پارڪ ۾ هڪڙي پارٽيءَ سان ميٽنگ رکيل هئي، اتي پهتس ته ڏٺم ته ماڻهو مسجد ۾ وڃن پيا. مون سوچيو ته مسجد جي مولانا کان ئي ڪجهه وڌيڪ پڙهڻ، يا يا هادي يا رحيم سؤ کان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ اجازت وٺان. مون هڪڙي ماڻهوءَ کان پڇيو ته مسجد جي مولانا سان ملاقات ٿي سگھي ٿي، هن چيو ته اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ نماز ڪانپوءِ ملاقات ڪجو آئون انتظار ڪرڻ لڳس، ماڻهو نماز پڙهي هليا ويا، ته هڪڙو ماڻهو مون کي مولانا صاحب جي ڪمري ۾ وٺي ويو. مون هن کي ٻڌايو ته هڪڙو ميان صاحب مون کي يا هادي يا رحيم پڙهڻ لاءِ چيو هو ان مان مون کي وڏو فائدو ٿيو آهي. هاڻي آئون ڪجهه وڌيڪ پڙهڻ چاهيان ٿو ڪو خراب اثر ته ڪو نه ٿيندو؟ جيڪڏهن آئون سؤ کان وڌيڪ پڙهان ته. هن چيو ته وڌيڪ پڙهي سگھو ٿا. هن مشورو ڏنو ته توهين اوکلا وڃي مولانا ڪليم سان ملو هو توهان کي وڌيڪ چڱي طرح ٻڌائيندو.

مون هن کان مولانا ڪليم سان ملڻ جو ڏس پڇيو ته هو چوڻ لڳو ته ٻٽلا هائوس جي جامع مسجد جي امام صاحب کان معلوم ڪريو اتي هن جي آفيس به آهي. پوءِ آئون ٻٽلا هائوس ويس. امام صاحب ٻڌايو ته مولانا صاحب جي آفيس دار ارقم ۾ آهي. اتان ڪنهن کان پڇجو دار ارقم ويس ته اتي هڪڙو حافظ صاحب مليو. تنهن ٻڌايو ته خليل الله مسجد جي پرسان هن جو گھر آهي. اتان خبر وٺو شايد حضرت سفر تي نه ويل هجي. خليل الله مسجد



ويس. اتي ڪافي ڪوشش ڪانپوءِ فليٽ لڌو اتان گھر مان هڪڙي ٻار اچي ٻڌايو ته حضرت مدراس ويل آهي. هڪڙي هفتي ڪانپوءِ ايندو مون سندن گھران مولانا جو نمبر ورتو مسجد کان ٻاهر گاڏي بيهاري هيم. اتي هڪڙي ملاجي نيلهي تي ڪتاب پئي وڪيا. خيال ڪيم ته هي اسلامي ڪتاب پيو وڪڻي. هن کان ڪي اسلامي ڪتاب وٺان. مون ملا جي کي چيو ته دعائن جو ڪو سنو ڪتاب هنديءَ ۾ ڪيڍي ڏي، هن به ننڍي سائيز جا ڪتاب " مسنون دعائون " ۽ " الله جي رسول جون دعائون " ڏيکاريا. مون پئي ورتا. وري خيال آيو ته ڪو سنو اسلامي ڪتاب به وٺان. هن کان پڇيم ته هن " اسلام ڇا آهي " ۽ " جنت جي ڪنجي " ۽ دوزخ جو کڙڪو " هنديءَ ۾ ڏنا. انهن پنجن ڪتابن سان گڏ ملاجي هڪڙو ڪتاب " توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾ " به ڏنو ۽ چيائين ته هي ڪتاب اسين فري ڏيندا آهيون. توهين هن کي پڙهي ۽ سمجهي دعا ڪندا، ته وڌيڪ فائدو ٿيندو. مون ڪتاب تي نالو ڏٺو ته مون چيو ته آئون مولانا ڪليم صاحب سان ئي ملڻ لاءِ هتي آيو آهيان. پر هو مليو ڪو نه. هن چيو ته هن جو ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي. پر توهين هن سان ضرور ملجو توهان کي سنو محسوس ٿيندو ڪتاب وٺي آئون آيس، موبائيل تي مولانا صاحب کي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. پر نمبر ڪونه لڳو رات جو مون ڪتاب " توهان جي امانت " سڀ کان پهرئين پڙهيو ڪتاب هٿ ۾ کنيم،ننڍڙو ڪتاب آهي،هڪڙو هڪڙو لفظ جيستائين پڙهي پورو نه ڪيم. دل ڪو نه ڀري، هڪڙو دفعو پڙهي وري ٻيو دفعو پڙهيم. مون کي هي ڪتاب پڙهي ايئن لڳو . جيئن ڪنهن سخت اڃايل کي پيٽ ڀري پيئڻ لاءِ پاڻي مليو هجي، هاڻي ته مون کي حضرت سان ملڻ جو اڃان به وڌيڪ شوق پيدا ٿي پيو . فون تي خدا خدا ڪري چوٿين ڏينهن ڳالهه ٿي، آواز ٻڌي مون کي لڳو ته هي صاحب اهو ساڳيو ته ڪونهي جنهن گاڏيءَ ۾ مون کي يا هادي يا رحيم پڙهڻ لاءِ چيو هو وري ڏٺم ته ان ڪتاب جي پوپان به يا هادي يا رحيم لکيل هو.

چئين ڏينهن کان پوءِ حضرت صاحب واپس آيو. نومبر جي چوٿين تاريخ اهو ڏينهن هو جنهن ڏهين وڏڳي خليل الله مسجد ۾ حضرت صاحب سان ملاقات ٿي. اهو ڏسي منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد رهي جو " توهان جي امانت " ۽ " دار ارقم " وارو مولانا ڪليم اهو ساڳيو ميان صاحب آهي، جنهن کي مون غفار منزل وٽ پنهنجي گاڏيءَ ۾ وهاريو هو ۽ هن ئي مون کي يا هادي يا رحيم پڙهڻ لاءِ چيو هو. مون ڪيس پنهنجو سمورو حال ٻڌايو ۽ سندس بيحد شڪريو ادا ڪيم. مولانا صاحب پڇيو "توهان جي امانت" پڙهي توهان ڪهڙو فيصلو ڪيو. مون چيو ان جو ته اکر اکر منهنجي انتر آتما ( اندر ۾ ) لڪجي ويو آهي. حضرت پڇيو ته پوءِ توهان ڪلمو پڙهيو. مون چيو ڪتاب ۾ ته مون پڙهي ڇڏيو آهي، هاڻي توهين پڙهائي ڇڏيو. مولانا صاحب مون کي ڪلمو پڙهايو . هن منهنجو نالو نعيم محمد رکيو ۽ مون کي ٻڌايائين ته زندگي جو پل پل ان هادي ۽ رحيم مالڪ جي مرضي مطابق گذارڻو آهي، جنهن جي آڏو روئي رڙي ماڻهوءَ کي ائين ٿو لڳي، جڻ سارو بار مٿي تان لهي ويو آهي.

سوال: ماشاء الله. الله سائين توهان کي برڪت عطا فرمائي، ان کانپوءِ وڌيڪ دين سکڻ لاءِ توهان ڇا سوچيو آهي؟

جواب: حضرت صاحب جي مشوري سان آئون هڪڙي مولانا صاحب کان ٽيوشن وٺان پيو. الحمد. الله نماز ياد ڪري ڇڏي اٿم. هاڻي قرآن شريف پڙهان پيو. ٽيون سيپارو شروع. ٿيو آهي.

سوال: ڇا اهي سڀ ڳالهيون توهان گهر وارن کي به ٻڌايون آهن؟

جواب: الحمدالله . ان کانپوءِ ٽي مقدما منهنجي حق ۾ فيصل ٿيا. مون نئون گهر خريد ڪيو. گهر وارن کي سڏائي ورتم. مون سان جيڪي حالتون پيش آيون ۽ نيون حالتون پيدا ٿيون. سي سڀ انهن کي ٻڌايم. اهي ڳالهيون انهن کي وڻيون ۽ پوءِ ٻن ڇئن ڏينهن ۾ منهنجا ٽئي ٻار ۽ گهر واري مسلمان



ٿي ويا مولانا صاحب منهنجي گهر واري جو نالو خديجه رکيو نياڻين جا نالا آمنه. فاطمه ۽ پٽ جو نالو محمد عمر رکيو آهي.

سوال: توهان اسلام جو وڌيڪ مطالعو ڪيو يا نه ؟

جواب: منهنجو خانداني پسمنظر ڏاڍو مذهبي آهي، بابري مسجد جي شهادت وقت اڃا به وڌيڪ اسلام جي مخالفت وڌي وئي. اسان جي خاندان جو هڪڙو پوليس ڊي آءِ جي مسلمان ٿي ويو . سندس نالو حذيفه آهي، ان جي ڪري خاندان وارا اسلام ۽ مسلمانن کان اڃا به پري ٿي ويا. هندو هئڻ جي زماني ۾ منهنجو ڪاروبار وڌيو ته مون مذهبي ۽ قومي فرض سمجهي ڪافي پئسيو بجرنگ دل وارن کي ڏنو جامعه ۾ به ڪي اهڙا مسلمان هئا. جن سان منهنجا واسطا هئا. جنهن جي ڪري ظاهري طرح ڳالهه ٻولهه تي به ٿورو گهڻو اثر پيو . پر اسلام ۽ مسلمانن جو اميج به ڪو سٺو ڪونه هو اهڙن ماڻهن جي ڪري آئون ماڳهين مسلمانن کان پري ٿي ويس. وري حالتن جي ڪري اسلام ۽ مسلمانن سان واسطا ٻئي قسم جا ٿيا. دماغ جا پردا کلڻ لڳا. اسلام جي مخالفت. مون کي ايئن محسوس ٿيو ته اها اسلام کي نه سمجهڻ جي ڪري هئي، اسلام منهنجي اندر جي ضرورت ٿي پئي ۽ منهنجي اندر جي مايا ٿي پئي. جيڪا مون کي هاڻي ملي هئي. ايئن لڳو ڄڻ آئون پنهنجي نيچر پنهنجي گهر کان وڃائجي ويو هئس. هاڻي مون کي منهنجو وڃايل گهر هٿ آيو آهي.

سوال: آئنده خاندان وارن تائين اسلام پهچائڻ جي باري ۾ توهان ڇا سوچيو آهي؟

جواب: الحمدالله. مون ٽي دفعا ٽي ٽي ڏينهن جماعت ۾ لڳايا آهن. مون مولانا صاحب کي عرض ڪيو آهي ته آئون نيئن سال کان هڪ لک روپيا

مهينو ماڻهن تائين الله جو دين پهچائڻ لاءِ ڏيڻ چاهيان ٿو حضرت جن چيو آهي ته پنهنجو مال توهين پاڻ پنهنجن هٿن سان خرچ ڪريو ته بهتر آهي ان جي بدران جو توهين ٻئي ڪنهن کي مال خرچ ڪرڻ لاءِ ڏيو ان تي مون حضرت جن جي مشوري سان "توهان جو امانت گهر " ناهيو آهي، ان جي لاءِ فليٽ وٺي ڇڏيو اٿم. دعا ڪريو ته الله منهنجو ارادو قبول فرمائي، ان سان مستحق نومسلمن جي مدد ڪئي ويندي.

سوال: مسلمانن ۽ ارمغان لاءِ ڪو پيغام ڏيندا ؟

جواب: ٿورن مهينن جو مسلمان ٿيل ماڻهو آهيان. انهيءَ لائق ڪٿي آهيان جو ڪو پيغام ڏيان، بهر حال مون کي محسوس ٿئي ٿو ته اسلام ساري دنيا جي پياس آهي، جن ماڻهن وٽ اسلام آهي، سي جيڪڏهن ان کي ٻين ماڻهن تائين پهچائيندا، جيڪا اڃايل آهن ته اهي وڏي محبت سان اسلام قبول ڪري وٺندا. جيئن اڃايل پاڻي پيئڻ لاءِ اڳتي ايندو آهي.

پر مسلمانن جو حال اهو آهي جو هو انهن جي اڄ اجهائڻ لاءِ ڪجهه ڏيڻ جي بدران انهن کي پنهنجو مخالف سمجهن ٿا، اها ڳالهه اسلام مطابق ٺيڪ ناهي. خدا جي واسطي اسين اڃايلن تي ڪهل ڪريون. انهن جي اڄ اجهائڻ جي ڪوشش ڪريون. انهن جي نا سمجهي جي ڪري برائيءَ جو بدلو برائيءَ سان نه ڏيون.

سوال: توهان جو تمام گهڻو شڪريو_ السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

جواب: توهان جو به شڪريو_ توهان مون کي نيڪيءَ جي ڪم ۾ شامل ڪيو. وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته .



محمد ادريس راجپوت

# ماحولياتي آلودگي ۽ دنيا تي پوندڙ
# انهن جي اثرات جو جائزو

سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي وفاقي وزير زاهد حامد اسلام آباد ۾ ٿيل هڪ عالمي ڪانفرنس ۾ چيو آهي ته "وڌندڙ گرمي پد جي ڪري پاڪستان جا گليشيئر مسلسل رجن پيا ۽ سال 2035ع ۾ گليشيئرن جي صورت ۾ ملڪي آبي ذخيرا ختم ٿي ويندا. هن وڌيڪ چيو ته گذريل 10 سالن ۾ دنيا جي گولي جو سراسري گرمي پد هڪ ڊگري سينٽي گريڊ وڌي ويو آهي، پاڪستان گرين هائوس گيسن جو رڳو 0.34 سيڪڙو پيدا ڪري ٿو جنهن ڪري عالمي گرمي پد وڌي ٿو پر اهو دنيا جو ائين نمبر تي وڌ ۾ وڌ اثر انداز ٿيندڙ ملڪ آهي. ملڪ ۾ ڊيم لتجن پيا ۽ ٻيلا گهٽجي رهيا آهن. سال 2010ع واري ٻوڏ جي ڪري 2 ڪروڙ ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ جيڪڏهن دنيا جو گولو انهيءَ نموني گرم ٿيندو رهيو ته اسان وٽ وڌيڪ آفتون ايندڀون." ساڳئي نموني ۾ ڪلائميٽ چينج ڊويزن جي سيڪريٽري راجا حسن عباس چيو ته، گذريل ڪجهه سالن ۾ ٻوڏن جي ڪري 1700 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ ملڪ ۾ 15 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو پاڪستان جا 23 سيڪڙو ماڻهو ٻوڏن جي ڪري خطري ۾ آهن. گليشيئر ٻن ٽن ڏهاڪن ۾ رجي ويندا ۽ تنهن ڪانپوءِ اسان کي تمام گهڻي پاڻي کوٽ ڏسڻي پوندي، جنهن ڪري اسان جي کاڌي خوراڪ جي سلامتي خطري ۾ پئجي ويندي. مٿين بيانن پاڪستان لاءِ خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي آهي ۽ سنڌ لاءِ خطري جو گهنڊ، جو سنڌ دريائي نظام جي پڇڙيءَ تي آهي ۽ "پڇڙي

بچڙي“ جي چوٽيءَ مطابق، وڏ ۾ وڏ اثر سنڌ تي ٿيندو پر ڇا ايندڙ ويهن سالن ۾ ائين ٿيندو؟ اچو تہ ان جو جائزو وٺون.

اسان اڄڪلهہ جديد سائنسي دور ۾ پيا هلون، نيون نيون ايجادون پيون ٿين، جن جي ڪري رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تمام گهڻيون سهولتون ٿي ويون آهن، پر انهيءَ سان گڏ ڪي نوان مسئلا بہ پيدا ٿيا آهن. پراڻن مسئلن تي نوان خيال اچن ٿا، ڪٿي بہ ڪا نئين ايجاد يا کوجنا ٿئي ٿي تہ سڄي دنيا کي خبر پئجي وڃي ٿي. ڪي بہ نوان مسئلا ٿين ٿا تہ، انهن مسئلن جي سببن ۽ انهن جي حل لاءِ سائنسي بنيادن تي تحقيق ٿئي ٿي ۽ انهن جي تدارڪ لاءِ تجويزون ڏجن ٿيون. اسان ڏسنِي ڏٺو تہ، ڪجهہ وقت کان قدرتي آفتن ۾ واڌارو پيو ٿئي، ڪٿي سمنڊ جي سطح چڙهڻ ڪري ڪن ملڪن ۽ ٻيٽن جي ٻڏڻ جو خطرو پيدا ٿي رهيو آهي، ڪٿي گليشيئر رجڻ ڪري پاڻيءَ جا وهڪرا گهٽجن پيا ۽ نديون نديون ڊنڊون ٿيڻ ۽ پرجڻ ڪري ٻر وارا علائقا ٻڏن پيا، ڪٿي اڻ مندائتا ۽ تيز مينهن پيا پون، جنهن ڪري ڏڪار پيا پون. مطلب تہ موسمن ۾ غير معمولي ڦير گهير ٿي آهي، جنهن ڪري ماڻهو تمام گهڻو متاثر پيا ٿين. انهن ڳالهين جو اثر گڏيل قومن واري اداري تي پيو پوي، جو انهن کي متاثر ٿيل ملڪن ۾ ماڻهن جي مدد ڪرڻي پئي پوي. جيئن تہ اهي ڳالهيون موسم جي ڦيرگهير سان واسطو ٿيون رکن، انهيءَ ڪري گڏيل قومن جي ماحولياتي اداري ۽ عالمي موسمياتي اداري سال 1988ع ۾ دنيا جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري سائنسدانن جو هڪ پينل جوڙيو جنهن بين الاقوامي موسمي ڦيرگهير وارو پينل Inter Government panel of climate charge سڏيو ويو. انهيءَ پينل کي ٽي مول متا ڏنا ويا، سي هئا: موسمي ڦير گهير جو سائنسي بنيادن تي جائزو وٺڻ، موسمي ڦير گهير جي اثرن جو جائزو وٺڻ ۽ انهن اثرن جي تدارڪ جي حڪمت عملي جوڙڻ. اهو پينل پاڻ ريسرچ نٿو ڪري پر دنيا ۾ ڇپيل مواد جو جائزو وٺي رپورٽ جوڙي ٿو. انهيءَ پينل اڃا تائين پنهنجيون چار رپورٽون جوڙيون آهن، جيڪي سال 1990ع، 1996ع، 2001ع ۽ 2007ع ۾ ڇپجي چڪيون آهن.



## مول متن تي پينل جون کوجنائون

**پهريون مول متو (پينل جي کوجنا):**

1750ع کان شروع ٿيندڙ صنعتي انقلاب جي ڪري نامياتي ٻارڻ جي استعمال سبب فضا ۾ گرين هائوس گيسن جو مقدار وڌي ويو آهي، اهي گيسون سج جي واپس موٽندڙ شعائن کي روڪين ٿيون، جنهن ڪري دنيا جي گولي جو گرمي پد وڌي ٿو. گذريل 100 سالن ۾ دنيا جي گولي جو گرمي پد 0.74 ڊگري سينٽي گريڊ وڌي ويو آهي، گرمي پد وڌڻ ڪري وڏيڪ پاڻي ٻاڦ ٻڻجي ٿو، جنهن ڪري برساتي ڪڪر ٺهن ٿا، جيڪي وڌيڪ مينهن وسائين ٿا ۽ انهن ڪڪرن جي ڇُ رپر هڪ جهڙي نٿي ٿئي، جنهن ڪري ڪٿي مينهن شديد پون ٿا ۽ ڪٿي صفا نٿا پون. گرمي پد وڌڻ جي ڪري گليشيئر رجن ٿا، قطبن تي برف رجي ٿي ۽ سمنڊ جي سطح وڌي ٿي. گليشيئر رجڻ جي ڪري پهرين درياهن ۾ وهڪرا وڌندا ۽ تنهن کانپوءِ گهٽجي ويندا.

**ٻيو مول متو: (اثرن جو جائزو)**

سمنڊ جي سطح وڌندي، جنهن ڪري ڪيترن ملڪن ۾ سمنڊ چڙهي ويندو، ڪيترا ٻيٽ ٻڏي ويندا، مالديپ ملڪ پاڻيءَ هيٺ هوندو ۽

بنگلاديش جو پنجون حصو ٻڏي ويندو. گليشيئر رجندا، جنهن ڪري پچاڙيءَ ۾ درياهن ۾ وهڪرا گهٽجي ويندا ۽ انهن درياهن تي آباد ٿيندڙ ملڪن ۾ زراعت متاثر ٿيندي. مينهن وڌيڪ پوندا ۽ ٻوڏون اينديون، ڪٿي تمام گهڻا مينهن پوندا ته ڪٿي صفا نه پوندا. جتي مينهن نه پوندا، اتي ڏڪار ايندو. آبڪلاٽيءَ جي وقت ۾ ڦير گهير ايندي ۽ موسمي آفتن جهڙوڪ، طوفان Cyclone واچوڙن Tornado ڳڙن جي وسڪاري Hailstorm ڪنوڻ واري طوفاني برسات Thunder storm تيز هوائن واري برفاني طوفان Blizzard ۾ واڌارو ايندو.

**ٽيون مول متو: (اثرن جو تدارڪ)**

انهيءَ لاءِ هنن ٻه ڳالهيون چيون آهن. هڪ اها ته گرين هائوس گيسن جو اخراج گهٽائڻ. جنهن کي انگريزي ۾ Mitigation چئجي ٿو ۽ ٻيو ته وڌيل گرمي پد تي پاڻ کي هيرائڻ، جنهن کي Adaptation چون ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته دنيا جي گولي جو گرمي پد 2 ڊگري سينٽي گريڊ کان نه وڌڻ کپي ۽ انهيءَ لاءِ دنيا جا ملڪ گرين هائوس گيسن جو اخراج گهٽائين. نئين حالتن مطابق پاڻ کي هيرائڻ بابت هنن جو چوڻ آهي ته وڌيل گرمي پد جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ برداشت پيدا ڪئي وڃي.

**پاڪستان کي پاڻي ڏيندڙ گليشيئرن جو سال 2035ع تائين رجڻ:**

گليشيئر ڇاکي چئجي ٿو؟ انگريزي لغت مطابق گليشيئر انهيءَ وڏي وزن واري چرندڙ برف کي چئجي ٿو. جيڪا ڪنهن آسمان مان ڪرندڙ ڄميل برف مان شروع ٿئي ۽ لاهيءَ تي تمام گهٽ يا نالي ماتر رفتار سان هيٺ لهي. مون گلگت ۽ اسڪردو ۾ ڪيترا گليشيئر ڏٺا آهن. جن جي



چُرپُر ڏسڻ ۾ نٿي اچي. هماليا واري خطي ۾ 5218 گليشيئر آهن. جڏهن ته پاڪستان جي اترئين علائقن ۾ انهن جو تعداد 1214 آهي. اترئين علائقن ۾ مشهور ۽ وڏن گليشيئرز جو تعداد 202 آهي.

آئون مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته بين الاقوامي موسمي ڦيرگهير جي پينل چار رپورٽون ڏنيون آهن. سال 2007ع واري رپورٽ ۾ هنن چيو آهي ته. هماليا وارا گليشيئر ٻين گليشيئرن جي ڀيٽ ۾ تمام تکڙو پيا رجن ۽ جيڪڏهن اهي انهيءَ رفتار سان رجندا رهيا ته سال 2035ع تائين اهي ختم ٿي ويندا. انڊس واٽر ٽريٽي ڪانپوءِ اسان وٽ ٽن اولهندن درياهن جو پاڻي اچي ٿو اهي آهن سنڌو، جهلم ۽ چناب. ڊسمبر 2011ع ۾ جاري ڪيل هڪ رپورٽ Handbook of water statistics مطابق، سال 1922ع کان 2009ع تائين سنڌو درياهه جو سراسري ساليانو وهڪرو 89.6 ملين ايڪڙ فوٽ، جهلم جو 22.67 ملين ايڪڙو فوٽ ۽ چناب جو 25.60 ملين ايڪڙ فوٽ هو. ٽنهي درياهن جو ڪل سراسري ساليانو وهڪرو ٿئي ٿو 137.86 ملين ايڪڙ فوٽ. سنڌو درياهه ۾ خاص طرح گليشيئرن جو رهيل پاڻي اچي ٿو. سال 2007ع واري رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته، سنڌوءَ جو وهڪرو 30 کان 40 سيڪڙو گهٽجي ويندو. جيڪڏهن پاڻي 30 سيڪڙو گهٽبو ته 62.72 ايم اي ايف، ۽ جيڪڏهن 40 سيڪڙو گهٽبو ته، پاڻي ايندو 53.76 ملين ايڪڙ فوٽ. ناهه ۾ سنڌو درياهه تي پنجاب جي ٿل ڪينال C R B C تونسا جي واهن، ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جو پاڻي ٿئي ٿو 12.61 ايم اي ايف، سنڌ جي واهن جو پاڻي ٿئي ٿو 48.76 ايم اي ايف ۽ بلوچستان جي واهن جو پاڻي ٿئي ٿو

3.87 ملين ايڪڙ فوٽ. واهن ۾ ڪل گهربل پاڻي ٿئي ٿو 65.24 ملين ايڪڙ فوٽ. آيل پاڻيءَ مان 15 سيڪڙو درياهن ۾ ذيان ڪنجي تہ پاڻي ٿيندو 53.31 يا 45.69 ملين ايڪڙ فوٽ. هاڻي جيڪڏهن پنجاب پنهنجو پورو پاڻي کڻي ( ۽ ضرور کڻندو، جو اهو مٿي آهي) تہ سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ بچندو 40.7 يا 44.42 ملين ايڪڙ فوٽ. بلوچستان بہ روئي ۽ رڙي پنهنجو 3.87 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي کڻي ويندو، باقي سنڌ لاءِ بچندو 36.83 يا 40.55 ملين ايڪڙ فوٽ، جڏهن تہ سنڌ جو پاڻي آهي 48.76 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ ڊيلٽا لاءِ کپي ٿو 10 ملين ايڪڙ فوٽ، يعني سنڌو درياهہ جو ڊيلٽا بہ ختم ٿي ويندو ۽ زراعت بہ سخت متاثر ٿيندي. پر جيئن اپريل 2007ع ۾ اها رپورٽ آئي تہ هندستان جي ماحولياتي ۽ ٻيلي کاتي واري وزارت انهيءَ تي اعتراض واريا تہ اها رپورٽ صحيح ناهي. گليشيئر بابت مهارت رکندڙ هندستاني ماهر وجي ڪمار رينا پينل جي رپورٽ کي رد ڪندي چيو تہ هماليا جا گليشيئر ايتري تکڙي رفتار سان نہ رجندا. هن چيو تہ رجڻ بدران ڪي گليشيئر وڌن پيا. هن اها ڳالهہ 5 هزار ميٽرن کان مٿي گليشيئرن جي سيٽلائيٽ اڀياس کان پوءِ چئي. سياچن گليشيئر بابت، جيڪو 6 هزار ميٽرن جي بلنديءَ تي آهي، هن چيو تہ گليشيئر ڪو نہ پيو رجي، بلڪ گذريل 50 سالن کان اهو ساڳي پوزيشن ۾ بيٺو آهي. اها ڳالهہ ٻين ماهرن بہ مڃي. عالمي بينڪ طرفان مقرر ٿيل هڪ ٻئي ماهر پروفيسر رچرڊ آرم استرانگ چيو تہ 5400 ميٽرن کان وڌيڪ اوچائيءَ تي موجود گليشيئرن ۾ ڪا خاص تبديلي نہ آئي آهي، جڏهن تہ ان کان هيٺين سطح وارا گليشيئر رجن پيا. ڪئناڊا جي هڪ ٻئي ماهر Kenneth Howitt جنهن K-2 جو دورو



ڪيو تنهن چيو تہ سنڌوءَ کي پاڻي ڏيندڙ هماليا وارا گليشيئر رجڻ بدران وڌن پيا. انهيءَ جو سبب موسمي ڦير گهير آهي، جو اونهاري جي مند ۾ وڌيڪ ڪڪر رهن ٿا ۽ انهن مهينن ۾ برف بہ وڌيڪ ڪري ٿي.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ پوءِ پينل اها ڊيڄاريندڙ ڳالهہ پنهنجي سال 2007ع واري رپورٽ ۾ ڇو لکي؟ انهيءَ جو پس منظر اهو آهي تہ، هندستان جي گليشيئرن جي هڪ ماهر سيد اقبال حسنين هڪ اخبار کي انٽرويو ڏيندي گليشيئرن جي رجڻ جي حوالي سان مٿي ڄاڻايل ڳالهہ ڪئي، جيڪا ورلڊ وائلڊ لائيف فنڊ وارن پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌائي ڇڏي، جيڪا پينل وارن اتان کنئي، جنهن جو ڪو سائنسي بنياد ڪونہ هو. آئون مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ پينل پاڻ ريسرچ نٿو ڪري پر دنيا ۾ ٿيندڙ ريسرچ جي بنياد تي پنهنجي رپورٽ ٺاهي ٿو. پينل وارن سمجهيو تہ ورلڊ وائلڊ لائيف فنڊ واري رپورٽ سائنسي بنيادن تي ٺهيل آهي، جيڪا ائين نہ هئي. هاڻي پينل وارن پنهنجي غلطي مڃي ڇڏي آهي ۽ انهيءَ جو تدارڪ هو پنهنجي پنجين رپورٽ ۾ ڪندا، جيڪا سال 2014ع ۾ جاري ڪئي ويندي.

مٿين ڳالهين مان اها خبر پئي تہ 5 هزار ميٽرن کان وڌيڪ بلنديءَ تي موجود گليشيئر سال 2035ع تائين ختم نہ ٿيندا، اهي گليشيئر رجڻ بدران وڌن پيا ۽ جيڪا ڳالهہ سنڌو درياهہ بابت ڪئي وئي هئي تہ سنڌوءَ جا وهڪرا سال 2035ع تائين 30 کان 40 سيڪڙو گهٽجي ويندا، سا بہ صحيح ناهي پر انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ سنڌوءَ جو پاڻي نہ گهٽبو. 5 هزار ميٽرن جي بلنديءَ تان هيٺ گليشيئر آهن، جيڪي رجن پيا، انهن جو پاڻي بہ سنڌوءَ ۾ اچي ٿو، تنهن ڪري سنڌو درياهہ جا وهڪرا گهٽجندا پر

اهي سال 2035ع تائين ختم نہ ٿيندا. گرمي پد وڌڻ ۾ گليشيئرن جو رجڻ هڪ تمام ڍرو عمل آهي، جيڪو 100 سالن تائين هلندو. تنهنڪري وهڪرن جي تمام تڪڙي گهٽجڻ جا امڪان ناهن. وري جيڪڏهن اسان دينا جي گولي جي گرمي پد 2 ڊگري سينٽي گريڊ وڌڻ تي ڪنٽرول ڪري وياسين تہ پوءِ ايتري ڳڻتيءَ جي ڳالهہ ناهي، جو اسان Adaptation يعني ماحول مطابق پاڻ کي هيرائڻ جي پاليسيءَ تي عمل سان انهيءَ گهٽ ٿيل وهڪري کي بہ منهن ڏئي وينداسين.

آچر 24 نومبر 2013ع

# (۲)

هن سال سياري جي مُند آمريڪا، يورپ ۽ جاپان ۾ راڱا ڪري ڇڏيا، ڪجهہ احوال آمريڪا، برطانيا ۽ جاپان ۾ انهن اثرن جو:

**آمريڪا:** هن سال سياري ۾ ايتري ٿڌ پئي آهي ۽ ايتري برف ڪري آهي، جو گرمي پد ڪاٽو تي ويو ۽ ماڻهن جو گهرن مان نڪرڻ بند ٿي ويو، بجليءَ جي زبردست لوڊشيڊنگ ٿي، هزارن جي تعداد ۾ اُڏامون ڪينسل ٿي ويون، منيسوٽا رياست جي گاديءَ واري شهر منياپولس ۾ گرمي پد ڪاٽو 51 ڊگري سينٽي گريڊ ٿي ويو وري تازو ذڪڻ اوپر آمريڪا ۾ موتمار سياري جو طوفان آيو ۽ تمام گهڻي برف ڪِري جنهن ۾ بجلي فيل ٿيڻ سبب لکين ماڻهو متاثر ٿيا، روڊن ۽ رستن تي ايتري برف ڪري، جو گاڏين جو هلڻ بند ٿي ويو جارجيا رياست جي شهر ايٽلانٽا ۾ هڪ لک ڏهہ هزار ماڻهن جي بجلي ڪٽيل رهي، اٽڪل ٽي هزار اُڏامون نہ هلي سگهيون، ايٽلانٽا شهر ۾ 11000 چوڪرن کي رات اسڪول ۾ ترسايو ويو.



**برطانيا:** جنوريءَ جي مهيني ۾ برساتن جي ڪري درياهہ اُٿلي پيا ۽ ڪيترا علائقا ٻُڏي ويا، لنڊن شهر مان لنگهندڙ ٿيمس درياهہ ۾ بہ زبردست چاڙهہ آيو ۽ گُذريل 60 سالن جو رڪارڊ ٽُٽي پيو لنڊن شهر کان مٿي اولهہ ۾ 100ملڪيتون ٻُڏي ويون ۽ وڌيڪ جي ٻُڏڻ جو خطرو آهي، ماڻهن کي ٻُڏل علائقن مان ڪڍڻ لاءِ ٻيڙيون استعمال ڪرڻيون پيون ۽ فوج کان بہ مدد ورتي وئي.

**جاپان:** جاپان جي گاديءَ اري هنڌ ٽوڪيو سوڌو جاپان ۾ زبردست برفباري ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ چار ماڻهو مري ويا ۽ 500 کان مٿي زخمي ٿيا، برف ڪرڻ جو 20سالن جو رڪارڊ ٽُٽي پيو زندگيءَ جو نظام رُڪجي ويو 740 اُڏامون ڪينسل ٿيون، جڏهن تہ چاليهہ هزار کان وڌيڪ گهر بجليءَ کان محروم ٿيا، برفباريءَ جي ڪري ريلن جو هلڻ بہ بند ٿي ويو ۽ آفيسن مان گهر موٽندڙ ماڻهو ڦاسِي پيا.

هِي سڀ ڇا آهي؟ موسمن جو ڦير گهير! جنهن جو ڪارڻ فِضا ۾ گرين هائوس گئسن جو غير معمولي مقدار ۾ جمع ٿيڻ ٿيو وڃي ٿو ۽ جيڪو نتيجو آهي صنعتي انقلاب جو... صنعتي انقلاب ڪانپوءِ ڪارخانا ۽ فيڪٽريون لڳيون، بجلي گهر لڳا، سامونڊي جهاز، هوائي جهاز ۽ گاڏيون هليون، ايئر ڪنڊيشننگ ۽ ريفريجريشن شروع ٿيون، جنهن ۾ گهڻي پاڳي ناامياتي ٻارڻ ((Fossil Fuel استعمال ڪيو ويو. جنهن جي ڪري فِضا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو مقدار وڌي ويو ٻيلا ۽ جهنگ ڪَٽيا ويا، جنهن ڪري ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ Absorb ٿيڻ گهٽجي وئي، مال مويشي وڌي ويا ۽ پوکيءَ جي ايراضي وڌي وئي، جنهن ڪري ميٿيئن گئس ۾

نائٽرس آڪسائيڊ به تمام گهڻي پيدا ٿي، اهي گئسون گرين هائوس گئسون سڏجن ٿيون. جيڪي سج جي موٽندڙ شعاعن کي روڪين ٿيون. جنهن ڪري دنيا جي گولي جو گرمي پد وڌي وڃي ٿو گرمي پد وڌڻ ڪري سمنڊ مان وڏيڪ نجارات پيدا ٿين ٿا، جنهن ڪري فضا ۾ وڏيڪ پاڻي گڏ ٿئي ٿو. جيڪو اُونهاري ۾ برساتن جي صورت ۾ ۽ سياري ۾ برف جي ڳڙن جي صورت ۾ موٽ ڪائي ٿو ۽ زمين تي اثر انداز ٿئي ٿو.

دنيا جو هر هڪ ملڪ هڪ جيترين گرين هائوس گئسون پيدا نٿو ڪري صنعتي طرح ترقي يافته ملڪ جنهن ۾ يورپ، آمريڪا، روس ۽ جاپان شامل آهن. وڏيڪ گئسون پيدا ڪن ٿا. وري ڪجهه ترقي ڪندڙ ملڪ جهڙوڪ، چين ۽ هندستان به وڏيڪ نامياتي ٻارڻ استعمال ڪن ٿا ۽ اهي به وڏيڪ گرين هائوس گئسون پيدا ڪن ٿا. دُنيا جا ڏهه ملڪ جيڪي وڌ ۾ وڌ گدلاڻ پيدا ڪن ٿا، سي هي آهن: چين (19.1 سيڪڙو)، آمريڪا (18.3 سيڪڙو)، يورپين يونين (13.3 سيڪڙو)، روس جي فيڊريشن (5.2 سيڪڙو)، هندستان ( 4.9 سيڪڙو)، جاپان (3.2 سيڪڙو)، برازيل (2.7 سيڪڙو)، جرمني (2.6 سيڪڙو)، ڪئناڊا (2 سيڪڙو)، انگلينڊ (1.7 سيڪڙو) ڪُل ٿئي ٿو 73 سيڪڙو.

وري جيڪڏهن فِي ماڻهو گدلاڻ جو حساب رکجي، ته صورتحال گهڻي مختلف ٿئي ٿي، جو جن ملڪن جي آبادي تمام گهڻي آهي، اُتي فِي ماڻهو گدلاڻ گهٽ اچي ٿي پر جتي آبادي گهٽ آهي، اُتي فِي ماڻهو گدلاڻ وڏيڪ اچي ٿي. فِي ماڻهو گدلاڻ جي حساب سان صورتحال هن ريت آهي: آسٽريليا پهريون نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 27.3 ٽن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي



مساوي، آمريڪا ٻيو نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 23.4 ٽن $CO_2$ جي مساوي، ٽيون نمبر ڪئناڊا، فِي ماڻهو گدلاڻ 22.9 ٽن $CO_2$ جي مساوي، نيوزيلينڊ چوٿون نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 19.1 ٽن $CO_2$جي مساوي، روس پنجون نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 13.7 ٽن $CO_2$جي مساوي، جرمني ڇهون نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 11.9 ٽن $CO_2$جي مساوي، ڪوريا ستون نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 11.8 ٽن $CO_2$جي مساوي، انگلينڊ اٺون نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 10.7 ٽن $CO_2$جي مساوي، جاپان نائون نمبر، فِي ماڻهو گدلاڻ 10.5 ٽن $CO_2$جي مساوي، ڏهون نمبر، يورپين يونين فِي ماڻهو گدلاڻ 10.3 ٽن $CO_2$ جي مساوي، چين جو نمبر 12هون ۽ فِي ماڻهو جي گدلاڻ پيدا ڪري ٿو 5.5 ٽن $CO_2$ جي مساوي پر وڌ ۾ وڌ گدلاڻ پيدا ڪرڻ وارو ملڪ چين آهي، جو ان جي آدمشماري تمام گهڻي آهي. جيڪڏهن اسان کي موسمن جي تيزي گهٽائي ڦير گهير گهٽ ڪرڻي آهي، ته اسان کي فضا مان گرين هائوس گئسن کي وڌڻ کان روڪڻو پوندو ۽ ان جو ڪجهه مقدار گهٽائڻو پوندو، انهيءَ ڏس ۾ ڪيترين ڪوششون ڪيون ويون آهن پر اجان ڪو خاص نتيجو نه نڪتو آهي، مثال طور جاپان جي ڪيوٽو ۾ سال 1997ع ۾ هڪ عالمي ڪانفرنس، جنهن ۾ هڪ معاهدو ٿيو. جنهن کي ”ڪيوٽو پروٽوڪول“ سڏيو ويو، انهيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته، هر ڪو ملڪ سال 2012ع تائين پنهنجي گرين هائوس گئسن جو اخراج سال 1990ع واري ليول کان 5 سيڪڙو گهٽائيندو، انهيءَ معاهدي تي رڳو 40 ملڪن صحيحون ڪيون پر آمريڪا صحيح نه ڪئي، وري جن ملڪن صحيح ڪئي، تن مان ڪوبه ملڪ انهيءَ کي پاڙي نه سگهيو يعني سال

2012ع تائين ان مقدار کي پنج سيڪڙو گهٽائي نہ سگهيو. سال 2009ع ۾ ڊينمارڪ جي شهر ڪوپن هيگن ۾ ڪانفرنس ٿي پر گرين هائوس گئسن جو اخراج گهٽائڻ بابت فيصلو نہ ٿي سگهيو. سال 2011ع ۾ سائوٿ آفريڪا جي شهر ڊبلن ۾ هڪ عالمي ڪانفرنس ٿي پر وري بہ ڪي حدف مقرر نہ ٿي سگهيا. مکيہ ملڪ جيڪي اعتراض ڪن ٿا، سي اهي آهن جيڪي وڏ ۾ وڏ گدلاڻ پيدا ڪن ٿا، يعني آمريڪا، چين ۽ هندستان. ائين ڪرڻ لاءِ هنن کي نامياتي ٻارڻ جو استعمال گهٽائڻو پوندو ۽ ٻين متبادل ذريعن مان توانائي پيدا ڪرڻي پوندي. جيئن پاڻي، هوا، سج. ائين ڪرڻ ۾ انهن جو تمام گهڻو خرچ ۽ ماڻهن جي معيارِ زندگيءَ تي اثر پوندو. جيڪو ڪوبہ ملڪ ڪرڻ نٿو چاهي، جو عوام جي مخالفت ۽ پنهنجي مالدار سپورٽرن جي مخالفت کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن ڪري حڪومت وڃڻ جو خطرو ٿئي ٿو جيڪڏهن ڳوٺ جو چڱو ڪجهہ ڪرڻ چاهي، تہ سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو ۽ ملڪن جو چڱو مڙس آمريڪا آهي، جيستائين ان کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي ۽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو تيستائين موسمي آفتون هن کي ۽ سڄي دُنيا کي پريشان ڪنديون رهنديون. انهيءَ ڏس ۾ تازو هڪ انگريزي اخبار ۾ خبر لڳي آهي تہ فرانسيسي صدر فرانڪ هولانہ جي آمريڪي دوري جي پهرين ڏينهن هڪ بيان صدر باراڪ اوباما ۽ فرانسيسي صدر ڏنو تہ موسمي ڦير گهير جي سلسلي ۾ هڪ عالمي معاهدو ڪيو ويندو. انهن ٻنهي صاف توانائيءَ ۾ حصيداري ڪري وڌيڪ نوڪريون پيدا ڪرڻ ۽ غريب ملڪن کي گهٽ نامياتي ٻارڻ جي استعمال ۾ مدد ڏيڻ جو آسرو ڏنو آهي. انهيءَ بيان ۾ چيو ويو آهي تہ هو سيني قومن



تي زور ڏين ٿا. تہ سال 2015ع واري فرانس واري عالمي ڪانفرنس ۾ شامل ٿي هڪ عالمي معاهدو ڪرڻ لاءِ تيار رهن. جنهن ۾ گرين هائوس گئسن جي اخراج کي گهٽايو ويندو. جيتوڻيڪ فرانس هميشہ نقصان واريون گئسون گهٽائڻ بابت زور ڏيندو رهيو آهي پر يورپين يونين ڏکي عالمي اقتصادي صورتحال ڪري ان کان پُٺتي ٿيندو رهيو سائنسدانن جو خيال آهي تہ تجربو ڪيل گهٽ اخراج بہ موسمي ڦير گهير جي اثرن کي گهٽائي نہ سگهندو. آمريڪا، جاپان ۽ ڪئناڊا اڳ ئي گئسون گهٽائڻ کان لهرائين پيا.

سال 1997ع واري ڪيوٽو پروٽو ڪول کي نئون ڪرڻ بابت فرانس ۾ سال 2015ع ۾ هڪ عالمي ڪانفرنس رِ ٿي وئي آهي، جنهن ۾ گرين هائوس گئسون گهٽائڻ ۽ غريب ملڪن جي موسمي ڦير گهير جي اثرن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد لاءِ اهم فيصلا ڪرڻ جي اُميد آهي.

مان مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ جيڪڏهن ڳوٺ جو چڱو مُڙس ڪجهہ فيصلا ڪري پاڻ انهن تي عمل ڪري ٿو تہ اهي فيصلا پائيدار ٿي سگهن ٿا، سڄي دُنيا جو چڱو مڙس آمريڪا آهي، جيڪڏهن هو ڪجهہ ڪندو تہ سيني جو فائدو ٿيندو پر جيڪڏهن اڳئين ڪانفرنس وانگر فرانس ۾ بہ رڳو ڳالهيون ٿيون، تہ سڄي دنيا انهن آفتن ۾ ڦاٿل هوندي، جنهن کي غريب ملڪ تہ سَهي ويندا پر آمريڪا ۽ ٻيا ترقياتي يافتہ ملڪ سَهي نہ سگهندا.

آچر 16 فيبروري 2014ع

## (٣)

آمريڪا ۾ هڪڙي پاسي سخت سياري سبب اُتر جون رياستون طوفانن ۽ بجلي فيل ٿيڻ ڪري سخت تڪليفن ۾ رهيون تہ ٻئي پاسي ڏکڻ

۽ وچ اولهہ ۾ آمريڪا جو 50 سيڪڙو علائقو سوڪهڙي جو شڪار رهيو آهي ۽ اٽڪل 15سيڪڙو علائقو سڪي سڙي رهيو آهي. ان جو وڏ ۾ وڏ اثر رياست ڪيليفورنيا ۾ ٿيو آهي، جتي ٻيلا سڪي ۽ سڙي رهيا آهن. ٻئي پاسي نيپال ۾ سال 1977ع کان 2010ع تائين گليشيرن جي ايراضي 24 سيڪڙو گهٽجي وئي آهي. ياد رهي تہ اهو سيٽلائيٽ تان ورتل نقشن جي بنياد تي چيو وڃي ٿو جنهن جو ڪم 1970ع جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو ان کان اڳ سيٽلائيٽ ڪونہ هوندا هئا، يعني انهن جي مدد سان نقشا، جن کي Imagery چيو وڃي ٿو جيڪي ونئي نہ سگهبا هئا. گلشيئر رجڻ ڪري ان جو پاڻي اڳ ئي نهيل قدرتي ڍنڍن ۾ اچي ٿو جنهن ڪري اهي اُٿلي پون ٿيون ۽ جبلن ۾ هيٺ رهندڙ آبادين کي ٻوڙين ٿيون، جنهن کي Glacial lake Outburst Floods يعني ”گليشيرن ڍنڍن جي ڦاٽڻ واريون ٻوڏون چئون ٿا. پاڪستان ۾ بہ ان جا تمام خطرناڪ اثر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تازو گلگت بلتستان ۾ بہ اهڙيون ڍنڍون اُٿلي پيون، جنهن ڪري ٻوڏ آئي ۽ قراقرم هاءِ وي تي ٽريفڪ رُڪجي وئي. اهي ٻوڏون پاڻ سان تمام وڏا پٿر ۽ گند ڪٽي اچن ٿيون، جيڪي هيٺين آبادين ۽ گهرن کي ڊاهي وجهن ٿيون. اهي ڍنڍون ان ڪري خطرناڪ ٿين ٿيون، جو پاڪستان ۾ گلشيئر هيٺين ليول تي آهن، جيڪي گرميءَ جي وڌڻ سان جلدي رجن ٿا. انهن جي اوچائي 2200 کان 2300 ميٽر آهي ۽ آبادين کان هڪ ڪلوميٽر کان گهٽ مفاصلي تي هجڻ ڪري انهن لاءِ تمام خطرناڪ ٿين ٿيون.

هي سڀ ڇا آهي ۽ ڇو ٿو ٿئي، دنيا جا سائنسدان ان نتيجي تي پهتا آهن تہ صنعتي انقلاب جي نتيجي ۾ناميا تي ٻارڻ، ڪوئلي، تيل ۽ گئس جو استعمال وڌي ويو آهي، جنهن ڪري دنيا ۾ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ٻين گئسن جو مقدار وڌي ويو آهي، انهن گئسن کي گرين هائوس گئسون چون ٿا. انهن جي وڌڻ سان سج ڏي موٽندڙ شعائون رُڪجن ٿيون، جنهن ڪري دنيا جي گولي جو گرمي پد وڌي ٿو. انهيءَ گرمي پد وڌڻ ڪري سمنڊ مان وڌيڪ ٻخار پيدا ٿين ٿا، جنهن ڪري وڌيڪ ڪڪر ٺهن ٿا، جن ڪري



موسمن ۾ ڦير گهير اچي ٿو. ڪٿي تمام گهڻيون ۽ تيز برساتون پون ٿيون، جنهن ڪري شهر ۽ علائقا ٻڏن ٿا. دريائن ۾ چاڙهہ اچن ٿا، ٻوڏون اچن ٿيون. وري ڪٿي صفا مينهن نٿا پون، سوڪهڙا ٿين ٿا. ڏڪار اچن ٿا. جبلن تي پيل برف رِجي ٿي، گليشيئر رِجن ٿا، جنهن ڪري ٻوڏون اچن ٿيون. اُتر ۽ ڏکڻ قطب تي ڄميل برف رِجي ٿي، جنهن ڪري سمنڊ جي ليول چڙهي ٿي ۽ اهڙا ٻيٽ يا ملڪ ٻڏن ٿا، جيڪي سمنڊ جي سطح کان هيٺ آهن، جهڙوڪ مالديپ.

**گرين هائوس گئسن جي واڌ:**

مُک گرين هائوس گئسون ٽي آهن. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، نائٽرس آڪسائيڊ ۽ ميٿين. انهن سڀني جو ٻڏائڻ بدران رڳو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو ٻڌايو وڃي ٿو، جو انهيءَ جو اثر سڀني کان وڌيڪ آهي ۽ ان جو مقدار بہ ٻين کان وڌيڪ آهي. سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ گذريل 8 لک سالن ۾ دنيا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو مقدار 180 ۽ 280 حصا في 10 لک حصا رهيو. جنهن کي انگريزي ۾ PPM يعني پارٽ پر ملين چون ٿا. صنعتي انقلاب ڪانپوءِ جنهن ۾ تيل ۽ ڪوئلو ٻاريو ويو، اٺويهين ۽ ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ان جو مقدار 290 پي پي ايم ٿي ويو. تنهن ڪانپوءِ سال 2000ع تائين انهيءَ جو مقدار 370 کان 380 پي پي ايم ٿي ويو. هن سال اپريل ۾ سائنسدانن جي چوڻ مطابق اها مقدار 400 پي پي ايم تي پهتي آهي. انهيءَ حساب سان صنعتي انقلاب واري وقت کان هينئر تائين واڌ 40 سيڪڙو ٿي وئي آهي. عالمي موسمياتي اداري جو چوڻ آهي تہ سال 2015ع ۽ 2016ع ۾ اها سطح 400 پي پي ايم کان مٿي چڙهي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ گرمي جون لهرون ڏڪار ۽ سمنڊ جي ليول وڌڻ جي خطرن جو امڪان آهي. جيڪڏهن اسان کي دنيا جي گولي کي بچائڻو آهي تہ اسان کي گرين هائوس گئس جي اخراج کي پنجوڙ وجهڻو پوندو.

**دنيا جي گولي جي گرمي پد جي واڌ:**

گرين هائوس گئسن جي ڪري سج ڏي موٽندڙ شعائون رنڊجن ٿيون، جنهن ڪري دنيا جي گولي جو گرمي پد وڌي ٿو. ارڙهين صديءَ ۾ شروع ٿيندڙ صنعتي انقلاب کانپوءِ دنيا جي گولي جو گرمي 0.8 ڊگري سينٽي گريڊ وڌي ويو آهي. جيڪڏهن گرمي پد ائين ئي وڌندو رهيو ته هن صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين اهو 4 کان 6 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڌي سگهي ٿو. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته اسان 2 ڊگري سينٽي گريڊ کان مٿي واڌ برداشت نه ڪري سگهنداسين ۽ پاڻي، زراعت، ماحولياتي نظام، حياتياتي تنوع ۽ صحت وارن شعبن تي تمام گهڻا خراب اثر پوندا، جيڪي اسان برداشت نه ڪري سگهنداسين.

**گرين هائوس گئسون گهٽائڻ لاءِ ڪيل ڪوششون:**

جڏهن صورتحال ايتري خراب آهي ته اسان گرين هائوس گئسن جي اخراج تي پنجوڙ ڇو نٿا وجهون؟ هو هڪڙي ملڪ جو مسئلو ناهي. دنيا جي سڀني ملڪن کي انهيءَ ۾ حصو وٺڻو آهي. ان ۾ مُک ڪردار ٻن وڏن عالمي ادارن جو آهي، يعني گڏيل قومن وارو ادارو UNO ۽ عالمي موسمياتي ادارو WMOانهن ٻالهين کي فوڪس ۾ آڻڻ لاءِ هُنن ”عالمي بين السرڪاري موسمي ڦير گهير وارو ادارو 1988ع ۾ ٺاهيو ويو. جنهن ۾ موسمي ڦير گهير جي سببن، اثرن ۽ تدارڪ جو معلوم ڪرڻ هو. انهيءَ اداري طرفان 1997ع ۾ جاپان جي شهر ڪيوٽو ۾ هڪ عالمي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سال 2012ع تائين دنيا جو هر ملڪ گرين هائوس گئسن جو اخراج 1990ع واري ليول کان 5 سيڪڙو گهٽائي. ان ٺاهه تي 40 ملڪن صحيحون ڪيون، پر ڪوبه ملڪ انهي معاهدي تي 100 سيڪڙو عمل نه ڪري سگهيو. جاپان، جتي اهو معاهدو ٿيو هو، اهو به انهي تي عمل نه ڪري سگهيو. وڏن ۽ ترقي يافته ملڪن انهيءَ تي صحيح ئي نه ڪئي. جڏهن اها صورتحال رهي ته گرين هائوس گئسون ڪيئن گهٽجن؟ پر پوءِ به اها سوچ رهي ته انهيءَ بابت ڪجهه ڪرڻ کپي. سال 2009ع ۾ ڊينمارڪ جي شهر ڪوپن هيگن ۾ هڪ عالمي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ 194 ملڪن



حصو ورتو پر گئسون گهٽائڻ بابت فيصلو نه ڪري سگهيا. فيصلا ڪيائون ته دنيا جي گولي جو گرمي پد 2 ڊگري سينٽي گريڊ کان مٿي نه وڌڻ کپي، گئسن گهٽائڻ جا حدف مقرر نٿا ڪري سگهجن ۽ انهن ملڪن جي مدد لاءِ جيڪي موسمي ڦير گهير ڪري متاثر ٿين ٿا، 100 ملين ڊالرن جو فنڊ قائم ڪيو ويجي. سال 2011ع ۾ سائوٿ آفريڪا جي شهر ڊبلن ۾ وري انهيءَ بابت ڪانفرنس ٿي، پر اُتي به گئسون گهٽائڻ بابت فيصلو نه ٿي سگهيو.

**دنيا جا وڏ ۾ وڏ گدلاڻ پيدا ڪندڙ ملڪ:**

دنيا جا وڏ ۾ وڏ گدلاڻ پيدا ڪندڙ ملڪ هي آهن. پهريون نمبر چين (19.1 سيڪڙو)،ٻيو نمبر آمريڪا (8.3 سيڪڙو)، ٽيون نمبر يورپي يونين (13.3 سيڪڙو)، چوٿون روس جي فيڊريشن (5.2 سيڪڙو)، پنجون نمبر هندستان (5.2 سيڪڙو)، ڇهون نمبر جاپان (3.2 سيڪڙو)، ستون نمبر برازيل (2.7 سيڪڙو)، اٺون نمبر جرمني (2.6 سيڪڙو)، نائون نمبر ڪينيڊا (2 سيڪڙو)، ڏهون نمبر انگليند (1.7 سيڪڙو) انهن سڀني کي جوڙڪجي ٿو ته ٿئي ٿو 73 سيڪڙو.

**گئسون گهٽائڻ لاءِ ٺاهه ڇو نٿو ٿئي؟:**

گئسون تڏهن گهٽجي سگهن ٿيون، جڏهن انهن شين جن جي ٻارڻ سان وڏيڪ گئسون پيدا ٿين ٿيون، انهن جو استعمال يا واهپو گهٽايون، اهي آهن ڪوئلو تيل ۽ گئس. اهي تڏهن گهٽجي سگهن ٿيون، جڏهن انهن بدران توانائي جا متبادل ذريعا استعمال ڪريون، جيئن پاڻي، هوا، سج، پر انهن ۾ في الحال تمام گهڻو خرچ ٿئي ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان بجلي جا اگهه وڌندا، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن جو معيار زندگي گهٽ ٿيندو. ائين ڪرڻ تي عوام مخالفت ڪندو. سياستدانن کي پنهنجي ووٽرن جي مخالفت کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ ڪرسيءَ تي ويٺل سياستدانن جون ڪرسيون هليون ويندييون. وڏي ۾ وڏو طاقتور ۽ مالي طرح مضبوط ملڪ آمريڪا آهي، جيڪڏهن اهو اڳتي وڌي ته گئسن جي اخراج گهٽائڻ بابت ٺاهه ممڪن آهي. آمريڪا جون رياستون انهيءَ بابت ڪافي ڪم ڪري رهيون آهن،

پر قومي سطح تي انهيءَ ۾ رنڊڪون آهن. جو جيڪي بہ وڏا وڏا صنعتڪار آهن، سي ڪانگريس جا ميمبر آهن. ڪوئلي، تيل ۽ گئس جي واهپي گهٽائڻ سان انهن کي ذاتي نقصان ٿئي ٿو. جيڪڏهن نظام ائين ئي هلندو رهيو تہ دنيا جي گولي جو گرمي پد وڌندو رهندو. ٻہ ڊگري واڌ تائين اسان برداشت ڪري سگهنداسين. پر سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ ”جيڪڏهن ڪجهہ نہ ڪيوسين تہ واڌ 4 کان 6 ڊگري تي ويندي ۽ انسان ذات جو زنده رهڻ ڏکيو ٿي ويندو.“

**نئين معاهدي ٿيڻ جا امڪان:**

گڏيل قومن واري پينل چيو آهي تہ جيڪڏهن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو اخراج 450 پي پي ايم واري سطح تي پهچي ويو تہ دنيا جي گولي جو گرمي پد صنعتي انقلاب واري وقت کان پوءِ 2 ڊگري سينٽي گريڊ وڌي ويندو. تازو آمريڪا جي ڇهن رياستن ۾ اها سطح 400 واري حد کي پهچي چُ ڪي آهي. فرانس جي صدر جڏهن آمريڪا جو دورو ڪيو تہ اها ڳالهہ آمريڪي صدر ۽ فرانس جي صدر وچ ۾بحث هيٺ آئي ۽ ائين اشارو ڏنو ويو تہ سال 2015ع ۾ فرانس ۾ ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس ۾ انهيءَ تي ڪو مناسب فيصلو ڪيو ويندو.

قدرت پنهنجو ڪم ڪري ٿي پئي ۽ سيني کي هاڻي سمجهہ اچي وئي آهي تہ نامياتي ٻارڻ جي وڌيڪ استعمال ڪري فضا ۾ گرين هائوس گئسون خطرناڪ ليول تي پهچي ويون آهن. جنهن ڪري دنيا ۾ موسمي ڦير گهير ٿي رهي آهي ۽ جتي ڪٿي تباهي ٿي رهي آهي. انهيءَ پس منظر ۾ ايندڙ سال يعني سال 2015ع ۾ فرانس ۾ ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس ۾ انهن گئسن جو اخراج گهٽائڻ بابت ڪو مثبت فيصلو ٿيندو. جنهن تي عمل ڪرڻ سان دنيا موسمي ڦير گهير جي وڌيڪ اثرن کان بچي ويندي.

4-6-2014



محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

آخري قسط

# قاضي قادن جو ڪلام

## ۽ ان جي تشريح

### معرفت جو سبق

علت وڃيئيس نا، عادت ڪڏهن نہ جاءِ
اٺ ڪٽڪين ڇڏئي، چڻ جو اسان ڪاءِ

عادت ايڏي تہ طاقتور هجي ٿي، جو سڄي عمر وڃڻ جو نالو نٿي وٺي، اٺ ”ڄَ و“ کائڻ جو عادي آهلن ڪري هو ڪٽڪ کي ڇڏي ڄَ وَ جي ڳولا ڪري کائي ٿو اهڙي طرح، ماڻهوءَ کي کپي تہ محبوب حقيقيءَ جي محبت کان دوري جي عادت کي مستحڪم نہ بڻائي، نہ تہ هو سڄي حياتي، عادتن جو غلام ٿي، محبوب جي انوار حسن مان فيضياب ٿيڻ کان محروم رهندو ۽ قيل وقال ۽ عقليت جي سطح کان بلند ٿي، حقيقت جي فهم ۽ معرفت جي دنيا کان نا آشنا رهندو. محبوب حقيقيءَ جي محبت کان محرومي اهڙي محرومي آهي، جو ان کان وڏي ڪا محرومي ڪانهي، ان جي نتيجي جي طور تي ماڻهوءَ جي دل انڌي ٿي وڃي ٿي، ۽ ”عقل“ کي، ”معرفت جي نور“ جا اجزاءِ ۽ گهربل ”فهم و فراست“ بہ حاصل نٿي ٿئي.

زندگيءَ ۾ عادت جي اهميت ۽ اثرات جي موضوع تي آمريڪا جي ممتاز ماهر نفسيات ۽ فلاسفر، ” وليم جيمز “ پنهنجي ڪتاب ”اصول نفسيات “ جي ( ٽن جلدن ) ۾ تفصيلي بحث ڪيو آهي، هو ڪتاب جي پهرين جلد ۾ لکي ٿو. ” مذهبي ڪتابن ۾ جنهن جهنم جو ذڪر آهي، شايد اهو جهنم ايترو سخت نہ هجي، جيترو اهو جهنم سخت آهي، جيڪو اسان، پنهنجين عادتن ۽ زندگيءَ جي رنگ، ڍنگ کي غلط رخ تي وجهي، اختيار

ڪندا آهن. جيڪو ماڻهو لاڳيتو ڌيان ڏيئي، مضبوط ارادي ۽ ڪوشش سان، پنهنجو پاڻ کي غير ضروري عادتن کان بچائي ٿو اهو سخت کان سخت طوفان ۽ ٻوڏ جي موقعي تي به مضبوط جبل وانگر هوندو آهي. جڏهن ته، طوفان ۽ ٻوڏ ۾ ڪمزور ماڻهو ۽ سامان وغيره سڀ لڙهي وڃي ٿو. پرهي مضبوط انسان اڪيلو ان جي مقابلي ۾ سينو ساهي بيهي ٿو ۽ طوفان هنڪي، نقصان پهچائڻ کانسواءِ گذري ٿو وڃي. جهڙي طرح ماڻهو بار بار شراب پيئڻ سان شرابي بنجي وڃي ٿو . اهڙي طرح، سٺا اخلاق اختيار ڪرڻ ۽ اخلاقي اوصاف سان مزّين ٿين جي لاءِ روزانو ڪوششون ڪندو رهڻ سان انسان، فرشتو صفت ۽ ولي بنجي وڃي ٿو. ايئن ئي علمي ميدان ۾ محنت ڪرڻ سان ماڻهو عالم ۽ ماهر بنجي وڃي ٿو.

" عادت " ڪري دماغ ۾ ڪم ڪرڻ جا خاص رستا بنجي وڃن ٿا ۽ اتي عام شڪليون ۽ صورتون قائم ٿي وڃن ٿيون، اهي رستا اڳيان هلي شاهراهن جي صورت اختيار ڪري وٺن ٿا. ذهن ۾ تعمير ٿيل انهن شاهراهن کي ٽوڙي يا ڀيجي نوان رستا ٺاهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

اسان جيڪڏهن، پنهنجي جذبات کي، بنان عمل جي ائين ئي گذري وڃڻ جو موقعو ڏيون ته اندر ۾، بنان عمل جي جذبات جي ڄمي وڃڻ جي عادت ۽ شڪل پيدا ٿي وڃي ٿي، جو ماڻهوءَ کي خبر به نٿي پوي ته ان جي اندر مان، عمل جي قابليت ۽ صلاحيت ختم ٿيو وڃي، جيڪڏهن توجه کي منتشر ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي ته اها منتشر ٿي وڃي ٿي، " توجه ۽ ڪوشش" هڪ ئي شئي جا ٻه نالا آهن، توجه سان ڪوشش وجود ۾ اچي ٿي ۽، ڪوشش سان توجه.

انسان وٽ ڪٽي اصولن جو ڪيترو ئي وڏو خزانو ۽ ذخيرو ڇو نه گڏ ٿيل هجي ۽ هنجو وجدان ۽ شعور ڪيڏو ئي عمدو ڇو نه هجي، پر جيڪڏهن عمل جا قيمتي موقعا ضايع ڪيا ويا آهن، ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۾، سستيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي، ته پوءِ فرد جي زندگي ۽ سيرت جي اندر ڪڏهن به سڌارو اچي نه سگهندو. مثال مشهور آهي ته، عمل کانسواءِ سڪٽا نيڪ



ارادا ماڻهوءَ کي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿا. جي ايس مل لکي ٿو " سيرت " اصل ۾ ارادي کي سڌارڻ جو نالو آهي، ارادو دراصل زندگيءَ جي سڀني موقعن تي هڪ خاص طريقي سان ڪم ڪرڻ جو نالو آهي.

دنيا ۾ جيڪو ماڻهو همت ۽ حوصلي کان محروم آهي، انڪان وڏيڪ ڪو به نفرت جي قابل نٿو ٿي سگهي، اهڙو ماڻهو پنهنجو وقت. جذبات ۽ احساسات جي سمنڊ ۾ فضول ضايع ڪندو رهندو آهي، ۽ هو عملي طور ڪوبہ ڪم سر انجام نٿو ڏيئي سگهي، هنجو مثال، فرانس جي مشهور دانشور " روسو " جهڙو آهي .

"روسو " فرانس جي عورتن کي اپيل ڪندي چوي ٿو ته " توهان پنهنجي ٻارن جي پاڻ تربيت ڪريو ۽ انهن کي، لاوارثن جي اسپتال ۾ داخل نه ڪريو " پر هن جي پاڻ اها حالت آهي، جو سندس اولاد. لاوارثن جي اسپتال ۾ داخل آهي، اسان مان هر ماڻهو جڏهن نيڪ عمل جو ارادو ڪندو آهي پر، عمل جا موقعا ۽ مهلت ضايع ڪري ٿو ته ڄڻ، هو " روسو " جي نقش قدم تي هلي ٿو. گهٽيون فلمون ڏسڻ ۽ اجايا ناول ۽ افسانا پڙهڻ سان، بي عمل قسم جا شيطان ئي پيدا ٿي سگهن ٿا.

هڪڙي روسي عورت جو واقعو آهي ته هو ٿيٽر ۾ نقلي ۽ فرضي ماڻهن جي بيوسي ۽ رحم جوڳي حالت ڏسي، انهن جي مصيبت تي روئي رهي هئي، جڏهن ته ٻاهر سندس ڪوچوان ( ڊرائيور ) سخت سيءَ جي سبب ڏڪندي مري رهيو هو. هوءَ ان کي ڏسي رهي هئي پر، عمل جا موقعا ضايع ڪرڻ جي عادت سببان، هوءَ ان جي مدد ڪرڻ نه آئي، آخر ڪار هو مري ويو.

" اخلاقي عادتن " ۽ " عقلي علمي " جي وچ ۾ فرق آهي، " اخلاقي عادت " ۾ ( خير ۽ شر جون ) ٻه قوتون، هڪٻئي جي خلاف مصروف رهنديون آهن، انهن مان، هر قوت، ٻئي تي غالب اچڻ چاهيندي آهي، اهڙن موقعن تي، جيڪا شئي سڀ کان وڏيڪ ضروري آهي اها. هي آهي ته غلط رجحانن ۽ خراب عادتن کي غالب ٿيڻ نه ڏنو وڃي، هڪڙي خراب عادت جي مضبوطي

۽ ڪاميابي، گھڻين سنين عادتن جي اثر کي برباد ڪري ڇڏي ٿي. انڪري اهو خيال رکڻ ضروري آهي تہ " خير ۽ شر " جي انهن قوتن جي درميان، اهڙي صورت پيدا ڪئي وڃي جو سوپ سدائين " خير " جي ٿيندي رهي، ايستائين جو چڱا ڪم بار بار ڪرڻ سان " خير جي قوت ۽ عادت " ايتري تہ غالب ٿي وڃي جو شر جي قوت ڪمزور ٿي وڃي.

جيتري قدر ٿي سگھي، پاڻ کي، روز مره جي ڪمن جو عادي بڻايو وڃي، اهڙا ڪم اهڙيون عادتون، جيڪي نقصان ڏيڻ واريون آهن، انهن کان ايئن پاڻ کي بچائجي،جيئن، وبائي مرضن کان ۽ جراثيم بچڻ جي ڪوشش ڪبي آهي.

اسان پنهنجي اندر، روزانہ جي ڪم ڪار جي جيتري گھٽي عادت وجھنداسين، اوتري قدر ذهن جون اعليٰ قوتون پنهنجو ڪم صحيح طرح سان سرانجام ڏيئي سگھنديون.

اهڙي ماڻهوءَ کان وڌيڪ ڪير بدنصيب هوندو، جنهن کي، اٿندي ويهندي، ڪائيندي، پيئندي سوچ ويچار جي ضرورت پوندي هجي؟ اهڙي ماڻهوءَ جو اڌ کان وڌيڪ وقت، ان ڳالھ کي طئي ڪرڻ ۾ لڳندو آهي تہ اهو ڪم ڪريان يا نہ .

"ڊيوڪ ان ولنگٽن"جو چوڻ آهي تہ هڪڙي عادت ۾ ايتري قوت آهي، جو هو ڏھ طبيعتن، يعني ڏھ " طبعي قوتن " جي برابر آهي، هنجو اندازو انهي واقعي مان لڳائي سگھجي ٿو تہ هڪ پراڻو سپاهي ماني کڻي وڃي رهيو هو تہ هڪڙي ماڻهوءَ هن کي ڏسي هڪدم " اٽينشن " چيو تہ اهو لفظ ٻڌندي ئي، سپاهيءَ جا ٻئي هٿ هيٺ ٿي ويا، اهڙي طرح ڪاڏو هن جي هٿن مان ڪري پيو. سبب اهو ئي هو تہ هن، سڄي حياتي، قوائد ۽ ضوابط جي پابندي ڪئي هئي، جنهن جا اثرات هن جي طبيعت جا جزو بڻجي ويا هئا ۽ عادتون مضبوط ٿي ويون هيون، جيڪي ماڻهو جيل ۾ پنجويھ يا ٽيھ سال گذاريندا



آهن اهي، آزاد ٿيڻ کان پوءِ بہ حياتيءَ جو باقي حصو جيل ۾ گذارڻ جي خواهش رکندا آهن.

"عادت" جي طاقتور هجڻ جون مثالون ڏيندي "وليم جيمس وڌيڪ " لکي ٿو.

هڪڙي ٿيٽر ڪمپني ريل ۾ سفر ڪري رهي هئي، اتفاق سان گاڏي پٽڙيءَ تان هيٺ لهي وئي، ( ڪمپنيءَ وٽ، هڪڙو شينهن بہ هو . جيڪو وڏي پنجري ۾ بند هو) پڃري جو دروازو کلي ويو ۽ شينهن ٻاهر نڪري آيو پر هو ڪنهن کي بہ نقصان پهچائڻ کانسواءِ، پاڻهي وري پڃري ۾ داخل ٿي ويو.

" عادت " ئي هڪ اهڙي شئي آهي،جيڪا، سو سائٽيءَ جي حفاظت جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي، عادت ئي ماڻهن جي هر طبقي کي انتظام ۽ قانون جي دائري ۾ رکي ٿي پنهنجي، پنهنجي، ميدان ۾ ڪم ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي، اها " عادت " ئي آهي، جنهن جي ڪري امير ۽ سرمائيدار، غريبن جي حاسدانہ حملن کان محفوظ رهن ٿا، اهي ماڻهو جيڪي هوش سنڀاليندي ئي، ورثي ۾ مليل، معيوب يا سخت پيشا اختيار ڪندا آهن، اها عادت ئي آهي جيڪا هنن کي اهڙا پيشا اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي.

مهاڻا جيڪي سخت سيءَ ۾ بہ، سمنڊ ۽ درياھ مان مڇيون پڪڙيندا آهن، هاري ۽ ڏنار جيڪي سخت گرمي ۽ برفاني موسم ۾ بہ ٻنين ۾ ڪم ڪن ٿا، اها عادت ئي آهي، جيڪا کانئن اهي سڀ ڪم ڪرائي ٿي.

عادت انسان کي مجبور ٿي ڪري تہ جيڪو پيشو هن شروع کان اختيار ڪيو آهي، سموري زندگي انهي، پيشي ۾ گذاري، ڪٿي اهو پيشو ڪيترو ئي معيوب ۽ ناپسنديده ڇو نہ هجي. ڇو تہ ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي پيشي جي لاءِ اهي مناسب هوندا آهن نہ ڪين ڪنهن ٻئي ڪم جي عادت هوندي آهي.

25 سالن جي عمر کان، پيشي ۽ هنر جي خاصيت غالب اچڻ شروع ٿئي ٿي، جيڪا پوءِ، هنجي عادت جو حصو بنجي وڃي ٿي، بالڪل اهڙي طرح جيئڻ، ڪوٽ جا ڪالر، ڪوٽ جو حصو هوندا آهن، جن کي ڪوٽ

کان هرگز جدا نٿو ڪري سگهجي. ٿيهن سالن تائين ايندي، ايندي عادت مضبوط بنجي ويجي ٿي.

پراڻي طاقتور عادت کي ڇوڙڪارو ڪيئن حاصل ڪجي ؟ ان تي بحث ڪندي " وليم جيمس " لکي ٿو.

" نئين عادت کي اختيار ڪرڻ ۽ پراڻي عادت کي ڇڏڻ جي لاءِ، انتهائي مضبوط ارادي کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ ذهن جي سڀني طاقتن کي استعمال ڪرڻ گهرجي. تہ جيئن، طبيعت ۾ نئين عادت شامل ٿي سگهي ۽ آهستي، آهستي مزاج جو حصو بڻجي ويجي، پاڻ کي هر وقت اهڙن ڪمن ۽ اهڙي فڪر ۾ مصروف رکجي، جيڪا، نيئن عادت کي مستحڪم ڪرڻ ۾ مدد گار ثابت ٿئي_ جيڪڏهن مناسب سمجهو تہ قسم کائي ڇڏيو تہ " آئون فلاڻو خراب ڪم ڪڏهن نہ ڪندس ۽ نہ ئي ان جي ويجهو ويندس ۽ روزانو فلاڻا، فلاڻا سٺا ڪم ضرور ڪندس، چاهي انهن ڪمن سان مون کي ڪيتري ئي تڪليف ڇو نہ پهچي ".

"طبيعت آماده ٿئي يا نہ ٿئي،هر صورت ۾ نيئن سٺي عادت جي تڪرار کي جاري رکڻ گهرجي، ايئن ڪرڻ سان خبر پوندي تہ هر اهو ڏينهن جيڪو نيئن عادت تي عمل ڪندي گذري ٿو ان سان اها عادت وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ٿيندي ويجي ٿي، ٻي ڳالهہ جيڪا ضروري آهي، سا اها تہ، جيستائين نيئن عادت مضبوط نہ ٿئي، تيستائين، نيڪ عمل ۽ سٺي عادتن ۾ معمولي ڪوتاهي ۽ هڪڙي دفعي جي سستي بہ گهڻو نقصان ڏئي ٿي، انهيڪري جيستائين چڱن ڪمن جي عادت مستحڪم نہ ٿئي، تيستائين ان ۾ سستي ۽ ناغو نہ ٿيڻ ڏجي." (وليم جيمز جو حوالو پورو ٿيو)

جن محبت من ۾، تي مئلي ئي سوين
تن ۾ بلن مشعلان، سہ سدا سپرين

جن جي دل محبوب حقيقيءَ جي محبت سان سرشار آهي، اهي گڏڙي ميرن ۽ سادن ڪپڙن ۾ ڇو نہ ملبوس هجن، سندن مک " انوار حسن " جي



تجلين سان ٻهڪندا رهن ٿا، عارفن جو جسم ۽ شخصيت سراپا تجليات آهي، انهن جي صحبت ۽ زيارت سان دل تي لڳل ماده پرستي جي " ڪٽ " لهڻ لڳي ٿي ۽ محبوب سان محبت جي شمع ازخود روشن ٿيڻ لڳي ٿي.

سچي سائين ساڻ، تون ۾ ڪر ڪوڙيون
جي تو منجهہ هيانو وو سيو ڪلي پر ڪٽو.

ائي نادان! محبوب حقيقي، جيڪو تنهنجي دل جي گهراين ۾ موجود آهي، جيڪو توکي، تنهنجي شهہ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي، ان سان فريب، دوکو ۽ دوري توکي نٿي سونهي، تنهنجي حالت اها آهي جو تنهنجي دل ۾ ماده پرستيءَ جا بت موجود آهن، تنهنجو سينو " شهرت ۽ دولت " جي چاهت جي جذبن سان ڀريل آهي، پرتون ماڻهن جي سامهون پاڻ کي، نيڪ ۽ پرهيز گار ظاهر ڪرين ٿو ربّ تعاليٰ کان تنهنجا راز لڪل نٿا رهي سگهن، اهو تنهنجي دل جي حالتن کان، پوري طرح واقف آهي.

سيڻان هنڏو سڱيو پپيهو آيو
لکي لوڪ نہ سگهيو اسان ڳالهايو.

سالڪ، زبان حال سان چوي ٿو ساٿيو ! محبوب جي راه تي لاڳيتو هلندو رهڻ ڪانپوءِ هاڻي، محبوب سان منهنجي،تعلقات جي نوعيت اهڙي ٿي وئي آهي جو انهن جي طرفان، تيزانوار جي صورت ۾ پيغام اچڻ لڳا آهن ۽ انهن سان ، راز و نياز جون ڳالهيون بہ ٿيڻ لڳيون آهن. محبوب جي راه ۾ اصل رڪاوٽ، ماديّ قوتون هيون، انوار حسن جي تجلين ۽ انوار الاهي جي ڪثرت سان، انهن مادي قوتن جو زور ختم ٿي ويو آهي. ٻيائيءَ جي خاتمي سان هاڻي دل ۾ محبوب ئي محبو وسڻ لڳو آهي، محبوب ڪانسواءِ ٻيا سيئي " اغراض ومقاصد " دل مان متجي ويا آهن.

منتهي صوفي، وجداني طور تي مسرت ۽ شادماني جي، جن ڪيفيتن ۾ رهي ٿو عام ماڻهن کي تہ ان جو اندازو بہ ڪونهي،عارف جي لاءِ محبوب سان

رازو نياز اها زندگي، اهڙي هوندي آهي،جنهن تي هزارين دنيائون قربان ڪري سگهجن ٿيون.

جتي سچ سنسار سان، سه جا سائين ساڻ هوءَ
تو پڌر هي ٻيڙا تري، جه ٿانءُ نير نه ڪوءِ

جيڪا دل، دنيا کان بي نياز ٿي وڃي ٿي ۽ فقر جي اجزاء سان بهره مند هجي ٿي، اهائي دل آهي، جيڪا محبوب جي انوار سان سينگاريل آهي، اتي محبوب ديرو ڄمائن ٿا. ان طرح جي عارف جي لاءِ ويران علائقو به سر سبز بنجي وڃي ٿو ان جي لاءِ خالي ميدان به، محبوب حقيقيءَ تائين رسائي جو ذريعو بنجي وڃي ٿو سچن عاشقن کي ڊگهي عرصي تائين، اڪيلائيءَ جي گهرج هوندي آهي ته جيئن هو يڪسوئي سان پنهنجي دل کي، محبوب جي انوار سان سرشار ڪري سگهن ۽ " خلوت ۾ انجمن " جي منزل تائين رسائي حاصل ڪري سگهن.

سچ پيارا سائينيان، سائينءَ سچ سهاءِ
سچي منگل نه دهي، سچي سپ نه کاءِ
سچ سمنڊان سرچڙهي ڪوڙ ڪڪائين باهه
جڏهن، ڪڏهن ڪوڙ کي، ڏيندو سچ سزاءِ.

محبوب حقيقي، جيڪو صدق ۽ سچائيءَ جي مجسم هستي آهي، ان کي، صدق ۽ سچائي ئي پسند آهي، ان کي انسانن کان جنهن شئي جي طلب آهي اها، ٻيائي ۽ تضاد کان پاڪ ۽ سچائيءَ سان سر شار " دل " آهي.

عاشق صادق جيڪو محبوب جي رنگ سان رنگجي وڃي ٿو ، انکي، ڪا باهه ساڙي نٿي سگهي، ان کي ڪو نانگ ڏنگي نٿو سگهي، سچو عاشق سمنڊ جي ڇولين تي به سواري ڪري سگهي ٿو محبوب سان وحدانيت جي رنگ جي غلبي سبب، محبوب، ان ۾ پنهنجي طاقت شامل ڪري ٿو ( هن آيت پاڪ ۾ به ان جو اشارو ملي ٿو) يثبت الله الذين آمنوا باالقول الثابت في الحياة الدنيا وفي الاخرة ( الله تعاليٰ اهل ايمان کي ثابت قدم رکي ٿو



ان "قول ثابت " جي بدولت، دنيا ۽ آخرت جي حياتيءَ ۾ ) " قول ثابت " ڪلمئہ طيبہ جو قول آهي، جڏهن، سيني جي " نفي " ڪري، محبوب حقيقيءَ سان " اثبات " جو تعلق قائم ڪجي ٿو ، تڏهن، محبوب جي طرفان، ان وعدي جي تڪميل ٿيڻ لڳي ٿي.

نڪرِ پاڻيءَ منجهه، ٻا ٻيها ٻڏي موئا
جي تو پوي سمجهه، تان تون ڳيرو نه ٿيوين.

ٻا ٻيها پکي، پاڻيءَ ۾ رهڻ جي باوجود، پاڻيءَ لاءِ سڪندا رهن ٿا، ايئن ئي هو اڃ وگهي مريو پون. تنهنجي به اهڙي ئي حالت آهي، جو دل جو وسيع درياهه تنهنجي اندر ۾ موجود آهي، پر تون، ان ۾ ٽٻي هڻي، پنهنجي اڃ اجهائڻ بدران، پاڻيءَ کي ٻاهرين دنيا ۾ پيو ڳولهين، اهو آب حيات جنهن سان، تنهنجي دل جي اڃ اجهامي سگهي، ٻاهرين دنيا ۾ توکي نه لڀندو ، اهو تنهنجي " باطن " ۾ موجود آهي، تون " آب حيات " جي ڳولا ۾، ٻاهرين دنيا ۾، ڪيترو به ڪٺي رلندو ۽ ٿاٻا ڪائيندو وت، پر اهو توکي، ڪڏهن به هٿ نه ايندو ايئن ئي، سڄي حياتي وڃائيندين، ڪاش: تون ٻاٻيهي پکيءَ جي عبرتناڪ موت مان سبق سکي سگهين.

تان، تان سورا سپ ڪوءِ، جان، جان مهه نه مڙن
رڪ وهندي سامهين، سوري سي جاون

افراد معاشره جي حالت جي نشاندهي ڪندي چون ٿا ته، هر ماڻهو پاڻ کي بهادر ۽ طاقتور سمجهي ٿو پر سندس ان دعويٰ جو راز تڏهن کلي ٿو وڃي جڏهن، هو پنهنجي نفسي قوتن جي منهن مقابل ٿئي ٿو.

اصل بهادر ته اهو آهي جيڪو محبوب جي راه تي هلندي نفساني ۽ رحماني قوتن جي وچ ۾ جيڪا،شديد جنگ جي حالت هوندي آهي، سالڪ، ان جنگ ۾ استقامت جو ثبوت ڏيندي، نفسي قوتن کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڏتجي بيهي رهي.

واضح هجي تہ " راه سلوڪ " ۾ ڊگهي عرصي تائين، محبوب جي راه تي هلندي، نفساني ۽ رحماني قوتن جي درميان شديد تصادم شروع ٿي وڃي ٿو. انهن حالتن ۾ گهڻا ماڻهو تہ بزدلي جو مظاهرو ڪندي، فرار جي راه اختيار ڪندي، محبت جي راه تان هٿ کڻي ٿا وڃن. ۽ نفس جي اڳيان بزدلي ڏيکاري، هارائجي ويهي ٿا رهن.

جي مون ڏئين لک ڏاڙ، ڏڙ ڏڙ لک سران
سر، سر لک مهان ٿئين، مهہ، مهہ لک ڄڀان
سڄي ڄڀان تکيان، هڪڙيان لوان
صفت تنهنجي راڄيا، تو هون ڪيئن ڪريان ؟

اي الله تعاليٰ! جيڪڏهن، تنهنجي طرفان مونکي، لکين " ڏڙ " عطا ٿين ۽ هر ڏڙ ۾ لکين " سر " موجود هجن، هر سر ۾ لکين " وات " هجن ۽ هر وات ۾ لکين " زبانون " ۽ اهي زبانون، گفتگو ۾ تيز هجن ۽ انهن زبانن سان هڪ ئي وقت آئون تنهنجي پاڪائي ۽ ساراهہ بيان ڪريان تہ تنهنجي هڪڙي صفت جي تعريف ڪرڻ کان عاجز هوندس. تنهنجي هستي ايڏي تہ عظيم آهي جو ان جي بيان ڪرڻ کان زبان قاصر آهي.

تنهنجو شان ايڏو بلند آهي جو سموري ڪائنات جي طرفان بيان ڪيل تقديس ۽ واکاڻ کان بہ بلند ترين آهي، انسانن يا، ڪائنات جي ٻي مخلوقات جي طرفان تنهنجي حمد و ثنا ڪرڻ، هنن جي پنهنجي عجز جي اظهار جي هڪ صورت آهي ورنہ، تنهنجي پاڪ لذت، هن تعريف کان بلند ترين آهي.

جهڙي پائي هٿڙي، تهڙي پاڻ پرين
ڀهڻ محبا ڇڏيو، تون نہ ڇڏ ڏٺي.

اي محبوب حقيقي! تون اها هستي آهين جو جيڪو بہ توکان دل جي گهراين سان، هٿ کڻي گهري ٿو تون انهن کي، عطا ڪرين ٿو انهن جي دستگيري فرمائين ٿو. مون کي، عزيز واقارب ۽ دنيا وارن ڇڏي ڏنو آهي ۽



مايوس ڪيو آهي، تو کان دعا آهي تہ منهنجي بيوسي ۽ لاچاريءَ جي حالت ۾ تون مونکي اڪيلو نہ ڇڏج. مون کي پنهنجي معيت جي دولت نصيب فرماءِ پاڻ کان سواءِ سڀني کان بي نياز ڪري ڇڏ ۽ استغنا جي دولت عطا فرماءِ .

ڏيهہ لٽا، سڄها پئي، اڳون آئي رات
ڪڙا پڪاري پاٽڻي، ٻيڙا ڪپر وات

ڏينهن گذري ويو سج بہ لهي ويو رات جي اونداهي، ڇانئجي وئي آهي، ٻيڙيءَ جو هلائڻ وارو ( ملاح ) واڪا ٿو ڪري تہ، ٻيڙي ڪن ۾ ڦاسڻ واري آهي، خبردار ٿيو .

هتي شاعر پنهنجي بيت ۾، غفلت جي اگهور ننڊ ۾ ستلن کي سجاڳ ڪندي چوي ٿو تہ سموري حياتي جيڪا هڪڙي ڏينهن کان وڌيڪ ناهي، ان جو هاڻي، سج اڇي لٿو آهي. جسم جي اها ٻيڙي جنهن کي عمل جي لاءِ، دنيا جو هي سمنڊ مليو آهي، ڪٿي ايئن نہ ٿيئي، جو حياتيءَ جو سج غروب ٿيڻ کانپوءِ ماڻهو حسرت منجهان هٿ مهٽيندو رهجي وڃي ۽ چوي تہ " افسوس ! مون حياتيءَ جا قيمتي پل ايئن وڃائي ڇڏيا، ۽ ٻيڙيءَ جي حفاظت ۽ ان کي طوفاني خطرن کان بچائڻ لاءِ ڪو بہ انتظام ڪو نہ ڪيو. هاڻي منهنجي زندگيءَ جو ٻيڙيءَ کي خطرناڪ طوفان سامهون آهي".

هنءَ آءُ، وندا وڄ تون، سيٽان ويڙ ۾ ڪٽ
پيهي منجهہ ڪٺو ڪري، تو ڪوٺي مون هٽ.

آئون، آئون جون اهي صدائون جيڪي تنهنجي هر ادا ۽ عمل مان بلند ٿي رهيون آهن، انهن صدائن کان مڙي وڃ. نيستي، نفيءَ ذات ۽ فنائيت جي راه اختيار ڪر، انانيت، محبوب حقيقي جي ئي شانِ ڪبريائي آهي جيڪي، تڪبر جي راه اختيار ڪندا آهن، اهي ذليل ۽ رسوا ٿيندا آهن. آتش عشق جي ذريعي، انانيت جي بت کي ٽوڙي ڦوڙي ساڙي ڇڏ تہ جيئن،

محبوب جي ۽ تنهنجي وچ ۾ فاصلا ختم ٿين ۽ گڏو گڏ، جوهر انسانيت سان بہ فيضياب ٿئين.

سجي، ٽٽي جباب چٽي، سو سڄڻ ڪٽ گئي.
جتي بال سرير ۾، تتي چن پئي

سجا گهر، ويران علائقا ۽ آثار ان ڳالهہ جي شاهدي ڏين ٿا تہ هتي انسان موجود هئا، جيڪي، هاڻي موجود ڪونهن. اهي سڀ ماڻهو ڪيڏانهن ويا؟ اهي اربين، کربين انسان هن جهان مان موڪلائي ويا، دنيا جي سموري زندگي خواب مثل آهي، يقين جي سرحد ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ عارف تي، هن سچي زندگيءَ جي خواب هجڻ جي حقيقت ظاهر ٿي وڃي ٿي، پوءِ هو ان جي دوکي ۽ فريب ۾ نٿو اچي. اهو ” موتوا قبل ان نموتو“ جي حالت ۾ گهاري ٿو، ٻين جي موت هن کي، محبوب جي مشاهدي ۽ ملاقات جو شوق ڏياري ٿي.

پيڙان سيي ڏهيليان، ايهي پيڙ نہ ڪاءِ
جيئن وڃن واڃو ٿئي ڄاڻي هڪ خداءِ

ڪوبہ ڏک اهڙو ناهي، جيڪو تڪليف ڏيندڙ نہ هجي پر، جيڪو ڏک مون کي لاڳو آهي خدا ئي ڄاڻي ٿو تہ ان درد تہ منهن جي جسم کي سراپا سوز بڻائي ڇڏيو آهي.

راه عشق ۾ هلندڙ متوسط صوفي کي، محبوب جي لاءِ جيڪا بي تابي هوندي آهي، انهيءَ ڏانهن اشارو آهي.

هن ۾، مبتدي صوفيءَ جي ان حالت جي بہ عڪاسي آهي تہ، ان دل تي ڏکن جا پهاڙ ڪرندا رهن ٿا، جنهن ۾ سندس جسم جون هڏيون، پرندي محسوس ٿين ٿيون، مبتديءَ جا احساس نهايت رحم جوڳا هجن ٿا، ان جي حالت اهڙي ٿي وڃي ٿي جو ڪڏهن تہ کيس ڪک بہ لڳي ٿو تہ هن کي جسم تي جبل ڪرندي محسوس ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن ان تي اهڙي بيخودي طاري ٿئي،جو مٿس جبل ڪرندو آهي تہ ان کي هو، ڪک کان وڌيڪ اهيمت نٿو ڏئي.



ٻين ڪون ڪيا روئي، ڏک اپني ڪون روءِ
ٻنڌ سنبل ٿي ساختي، اٺ نہ رهسي ڪوءِ

تنهنجي اها حالت رحم جهڙي آهي جو تون، ٻين جي فڪر ۾ پريشان ٿو رهين ۽ انهن جي سيرت ۽ ڪردار ۾ نقص ڳولهي انهي جو وڏي واڪ اعلان ٿو ڪرين، توکي ٻين جي ڳڻتي آهي پر، پنهنجو ذرو بہ خيال ڪونهي، توکي تہ پنهنجي حالت تي روئڻ گهرجي. ٻين جي اخلاقي خرابين تي ماتم ڪرڻ بدران توکي پنهنجي نفس جي سرڪشيءَ تي ماتم ڪرڻ کپي. تنهنجو حال تہ اهو آهي جو توکي آخرت جي ڪا ڳڻتي ڪانهي، صبح جو چا ڪائينداسين يا، سڀاڻي پر امن حالات ميسر ٿيندا يا نہ ؟ انهن ڳڻتين، ۾ ڳرندي تنهنجي حياتي گذري ٿي، جڏهن دنيا جي معمولي خطرن جو سوچي تنهنجي اها حالت آهي تہ آخرت ۾ جيڪي خطرا درپيش آهن، انهن کي تون، ڪيئن منهن ڏيندين؟ همت کان ڪم وٺ ۽ ٻين جو فڪر ڇڏي، پنهنجا عمل سڌار، ڇو تہ سيني‌ءَ کي هي جهان ڇڏڻو آهي ۽ ڪو بہ هتي هميشہ نہ رهندو“.

ائين سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ وارا! تنهنجي پيڙي جنهن کي، سمنڊ ڪناري سخت ڪن ۽ طوفاني خطرو سامهون آهي، ان حالت ۾ تون ڪيئن سک سان سمهي ٿو سگهين؟ جان جو خطرو سامهون هجي تہ آرام جي ننڊ ڪيئن ٿي اچي سگهي، سک سان سمهڻ تہ انهن کي ٿو سونهي، جيڪي، سمنڊ جو سفر طئي ڪري ماڳ تي پهچي چڪا هجن.

عارف شاعر، راه محبت جي طالبن کي چون ٿا تہ جيستائين، نفسي قوتن جي سرڪش لهرن جو زور نہ ٿو هلڪو ٿئي، ۽ سالڪ، فناءِ نفس جي مقام تائين سفر طئي ڪري، محبوب جي وصال جي منزل تائين نٿو پهچي تيستائين، هن کي، مجاهدي جي حالت ۾ رهڻ گهرجي، ان دوران بيفڪري جي ننڊ سمهڻ جو مطلب، نفس جي سرڪش قوتن کي پنهنجي مٿان حملہ آور ٿيڻ جو موقعو ڏيڻ آهي.

ستو سڄي رات، مهہ ڏکي مٺن جيئڻ
نہ تو سنبل تات، جهوري تو آهہ ڪا.

اٿي خدا جا ٻانها! تون سڄي رات مئل ماڻهن وانگر منهن ڏکي ستو پيو هيئن، ائين، سڄي رات ننڊ ۾ وڃائي ڇڏيئي، تو نہ آخرت جي سامان جي تياري لاءِ ڪا، ڳڻ ڪئي، نہ ئي ان جي لاءِ ڪا فڪر ۽ ڳڻتي يا جستجو ۽ اضطراب، تنهنجي ڪنهن عمل ۾ نظر ٿو اچي، دنيا جي ڏنڌن ۾ مصروف رهي،آخرت کي وسارڻ، نقصان جو سؤدو آهي، توکي اها غفلت گهڻي مهانگي پوندي، تنهنجي دائمي زندگي، ڏاڍن تي ليٽڻ جي مثل ٿي ويندي، افسوس.

جان، جان ڪنڌي ڪاءِ، تان تون ترهيءَ تات ڪر
ڪپر سندي ڏانهہ، مت اوچتني الهئہ.

سمنڊ ۾ سفر ڪندي، جيستائين تون منزل کان پري آهين، تيستائين توکي، ٻيڙيءَ جي فڪر ڪرڻ کپي، ڪپر جي ڪن مان دهشتناڪ آواز ٿا اچن، اهي، ڪنن جا ڪڙڪا اهڙا آهن. جيڪي تنهنجي عقل کي زير و زبر ڪري ڇڏيندا.

راه سلوڪ جي پانڌيئڙي کي مخاطب ٿيندي، عارف شاعر چوي ٿو تہ، معرفت ربّ جي ذريعي، فناءِ نفس جو جيڪو تنهنجو سفر جاري آهي، ان ۾ ڪنن جا ڪڙڪا آهن، نفساني خواهشن جون، سرڪش ڇوليون آهن. ان صورتحال ۾، ڪٿي، راه معرفت جي تڪليف کان گهبرائي، سست نہ ٿيئن ۽ ٿڪجي نہ ويهي رهين ۽ فنائيت جي منزل تائين پڄڻ کان ڦهرين، راه فرار ڳولهين، جي اهڙي غفلت ڪيئہ تہ، تنهنجي " وجود جي ٻيڙي " ساموندي طوفان جو شڪار ٿي ويندي .

جي تل تنو تلهڙي، ساير منجهہ ٿيا نهہ
ڪر ٻانهان پاٽيچيان م سڏ ٻيا نهہ



جي دل جي سمنڊ کي پار ڪرڻ واري ٻيڙي، سمنڊ جي لهرن جي ور چڙهي وئي آهي ۽ تون، نفس جي سمنڊ ۾ غوطہ زن آهين تہ، مايوس ٿيڻ جي ضرورت ناهي، توکي حوصلي ۽ همت کان ڪم وٺڻو پوندو ۽ قوت جو مظاهرو ڪندي، نفس جي سرڪش ڇولين کي منهن ڏيڻو پوندو.

محبوب حقيقيءَ جي محبت جو سفر اهڙي قسم جي خطرن سان ڀريل آهي، ڪڏهن " رحماني " قوتون غالب هونديون آهن تہ ڪڏهن، نفساني ۽ شيطاني قوتون غالب هونديون آهن.

شيطاني ۽ نفساني قوتن جي حملي جي وقت جڏهن، " انوار " سلب ٿيندا آهن ۽ " قلب " زير وزبر ٿيڻ لڳندو آهي، تہ ان وقت، پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ ۽ ذڪر و مراقبي کان دستبردار نہ ٿيڻ، اهو وڏي حوصلي ۽ همت جو ڪم آهي.

جان تون تارو پاڻ، تان پيي پڇ تلڳان ڪل
تو هئون گهٽا سڃاڻ، وڃين ڪپر اهلي.

جيڪڏهن توکي، پنهنجي ذاتي ڪوشش ۽ مجاهدن سان، ڪنهن حد تائين، خود شناسيء جي صلاحيت حاصل بہ ٿي وئي آهي، تہ بہ توکي، ان راه جي ماهرن ( رهبرن ۽ مرشدن ) جي صحبت، ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ هن سمنڊ جي طوفانن، تو کان وڌيڪ باصلاحيت ماڻهن کي، خوفناڪ ڪنن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، عارف شاعر چون ٿا، نفس پرستيءَ جو وسيع سمنڊ، ذاتي ڪوشش سان نٿو طئي ٿي سگهي، جي تو کي، ذاتي ڪوشش سان، " معرفت نفس " جا ڪجهہ " اجزاءِ " ڪٿي حاصل بہ ٿي ويا تہ بہ، سمنڊ جي ٻي ڪپ تي پهچڻ لاءِ ماهر رهنماء جي رهنمائيءَ کانسواءِ، اڳيان نٿو وڌي سگهجي، ائين ڪرڻ سان، ڪٿي تون، سمنڊ جي سرڪشيءَ جي نذر نہ ٿي وڃين، نفس پرستيءَ جي وسيع سمنڊ ۾ جتي خوفناڪ مگرمڇ رهن ٿا، انهن جي حملن کان بچڻ جي بهتر صورت اها آهي تہ تون تجربي ڪار، ماهرن جي معيت ۾ سفر ڪر.

اڀاهي چيئون جي، سونہ ڪيائين ڪن،
تائين پيئي پريان ڪان گهنگهر گهاتوئڙن.

محبت جي درياه ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ، نفس جي وسيع جهنگ مان، خوفناڪ جانور، سالڪ تي جيئن ئي حملہ آور ٿيا تہ، راه محبت جي سالڪ انهن درندن جي ڪاپروا نہ ڪئي ۽ راه محبت ۾ مسلسل اڳيان رڙهندو رهيو ۽ آخرڪار، محبوب حقيقيءَ تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

(محبت راه ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ، سالڪ کي شديد مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، ان طرف اشارو آهي تہ ) عاشق نفسي درندن جي طرفان، اندر مان اٿيندڙ خوفناڪ آوازن جي پرواه نٿا ڪن، ان ڪان بي نياز ٿي هو بس، محبوب جي راه تي مسلسل اڳيرا آهن.

جنگيئون جوڪيئون جت، ٻوهٽ باتاڙا ٿين.
مهر تنهنجي تت، مڪريان پيي پارپون.

منهنجا مالڪ، جتي وڏا، وڏا ٻيڙا، ساموندي طوفان ۾، زيرو زبر ٿي رهيا آهن، اتي، ننديون، ننديون ٻيڙيون، تنهنجي سهاري ۽ آسري تي، منزل تائين پهچڻ جون خواهش مند آهن.

جتي وڏا، وڏا عارف ۽ سچا عاشق بہ ٻڄن ٿا ۽ ڏڪندا ڪنبندا رهن ٿا، اتي، ائي منهنجا ربّا! تنهنجي سڪ ۽ محبت جي معمولي دعويدارن کي بس، تنهنجي بي نياز ۽ رحيم وڪريم ذات جوئي سهارو آهي.

پڪڙيان ٻڄنهہ، پئو پلان ئين لهي
جتي ساٿ سندءِ اڄي سو لڪن لنگهيو.

سچو عاشق، اهي مشڪل ترين مقامات، طئي ڪري آيو آهي، جتي، وڏن وڏن بهادرن جي رسائي بہ مشڪل آهي، جتي، پکي بہ، پنهنجي اونچي اڏام جي باوجود نٿا پهچي سگهن، سچن عاشقن اهي مقامات، محبوب حقيقيءَ جي خاص فضل سان، پارڪيا آهن يا وري، سالڪن کي محبوبن



پنهنجي فضل خاص سان، مشڪل مقامات مان لنگهڻ جي، واٽ پيدا ڪري ڏني آهي.

وڄ، بادل ۽ واءُ، ڏڄ نہ لهرين لڳيو
سڏر سونهان چاءُ ٻيڙيءَ ٻڏڻ ناهہ پيو.

جيتوڻيڪ، ڪنوڻ ڪنوندي هجي، ڪڪر وسندا هجن ۽ طوفاني هوا جو زور هجي تہ بہ، تو کي ڏڄڻ نہ کپي، جن جا رهبر، عارف ۽ سچا عاشق هجن، انهن جي وجود جي ٻيڙي کي ٻڏڻ جو خطرو ناهي، يعني جيڪو ماڻهو نفس پرستيءَ جي طوفاني هوائن ۾ ڪنهن روحاني استاد جي رهنمائيءَ ۾ سفر طئي ڪندو هجي، ان جو " پرخطر سفر " بہ سئولائيءَ سان گذرندو، ان کي ڏڄڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. البتہ، اڪيلي سفر ڪرڻ وارو، نفسي قوتن جي خطرناڪ لهرن ۾ لڙهي سگهي ٿو، ان کي، " شهرت ۽ دولت جي چاهت " جي وسيع سمند ۾ منزل ڏسڻ ۾ ئي نٿي اچي ۽ ائين هو، هٿوراڙيون هڻندو ۽ سمنڊ ۾ ٻُڀون کائيندو رهي ٿو

ستا اٿي جاڳ، راتڙي سڀيئي وهاڻيان
مٿئن ٿيوءِ اڀاڳ، پرين وسارڻ ۾ ڪر.

جي تون آرام جي ننڊ ستل آهين تہ توکي کپي تہ، سجاڳ ٿي ۽ محبوب سان راز ونڊڻ ۾ مشغول ٿي وڃ، رات تيزيءَ سان گذرندي پئي وڃي، محبوب سان رابطي جي مضبوطيءَ جي لاءِ رات جو وقت، سڀ کان بهترين وقت آهي، ان وقت فضا، محبوب جي انوار جي تجلين سان سرشارهوندي آهي، ان وقت دل ۾ محبوب جي انوار جي اخذ ڪرڻ جي صلاحيت بہ طاقتور هوندي آهي.

ماڻهوءَ جو ذهن بہ فڪري انتشار کان محفوظ هوندو آهي، رات جي وقت ۾ عبادت سان، تنهنجي لاءِ سعادت جا دروازا، کوليا ويندا آهن، هي اهڙو قيمتي وقت آهي، جو ائي سالڪ تون ان جو قدر ڪر ۽ محبوب کي نہ وسار ۽ ان جي اڳيان ٻاڏاءِ ۽ سندس پاڪائي ۽ ساراه بيان ڪر.

پرين وساري رت روئن، ڪيڏي ري ڪارڻ
ڪنچن راس وڃاءِ ڪي، ٻڪئن ڏوڙيون.

ماڻهن جي اها حالت آهي جو اهي، محبوب جي محبت کان محروم ٿي محبوب کي وساري، دنيا جهان جي مصيبتن ۾ مبتلا ٿين ٿا، سندن احساسات، ايذا تيز آهن، جو ننڍي کان ننڍو مسئلو بہ هنن جي لاءِ، شديد اذيت جو موجب بڻجي وڃي ٿو. جيڪڏهن، ڪا ڳالھہ هنن جي مزاج جي خلاف ٿئي تہ هڪدم اشتعال ۾ اچي، اعتماد ذات جي بحران جو شڪار ٿين ٿا، گهريلو مسئلا هجن يا ڪارو باري، هر مسئلي تي هو ڳوڙها ڳاڙڻ لڳن ٿا، هنن جي هن رحم جهڙي حالت جو ڪارڻ رڳو هڪڙو ئي آهي تہ هنن، پنهنجي دل کي محبوب حقيقيءَ جي محبت کان محروم رکيو آهي. جنهن جي ڪري سندن " دل " حساس ۽ نازڪ ٿي وئي آهي، سدائين بي چين ۽ بي سڪون رهن ٿا ( رب تعاليٰ جي ياد کان " دل " غافل هجي تہ سدائين بي اطميناني رهندي ڇو تہ )" دلين جو اطمينان تہ الله جي ذڪر ۾ ( پوشيده) آهي "

محبوب جي محبت کان محروم افراد جو مثال، انهن ماڻهن وانگر آهي جيڪي، سون جي ڍير کي ڇڏي، مٽيءَ جي ڍير تي وڃي ڪريو پون.

ڏر جيون ڏنس سهن ڳر وائي پربت جيون
سيئي سيڻ ڪجن، آئيءَ واءَ نہ ڏولن



محبت جو رشتو اهڙن عارفن سان قائم ڪرڻ گهرجي، جيڪي، ڌرتيءَ جهڙي " برداشت ۽ وسعت " رکندا هجن، هر طرح جو بارسهن تہ بہ اف نہ ڪن، جبل جهڙي حوصلي جا مالڪ هجن، اهڙن ماڻهن سان تعلق رکڻ ۽ محبت جو رشتو جوڙڻ ناداني آهي، جيڪي، معمولي ڳالهين تي مشتعل ۽ ناراض ٿيندا هجن.

حقيقي عارف ۽ الله وارا درويش اهي هوندا آهن، جيڪي دوستن ساٿين ۽ پنهنجي معتقدن جي غلطين کان چشم پوشي ڪن ٿا ۽، هر طرح جي حالات ۾ ساڻن، شفقت جو برتاءُ ڪري سندن رهنمائي ڪن ٿا.

سڄڻ درجڻ دِءِ ڪهي، چت نہ ڪيجيءَ ڇنگ
لوئي ٿيئيءَ پارچي، لاک نہ ڇڏي رنگ.

" دل " جيڪا، محبوب حقيقيءَ جي تحلين جو مرڪز آهي، ان کي، دوست، و دشمن يعني ڪنهن عالم، دانشور يا فلا سفر جي چوڻ تي، محبوب حقيقيءَ کان پري نہ ڪر، محبوب جي انوار کي اخذ ڪرڻ واري ان جي، استعداد کي نہ وڃاءِ ڪنهن، دانشور يا مفڪر جي انهن ڳالهين سان تہ سيني عملن جو مرڪز تہ عقل آهي ۽ " دل " رت کي پمپ ڪرڻ کانسواءِ، ڪنهن ڪم جي ناهي" پاڻ کي ۽ پنهنجي " دل " کي محبوب جي ذڪر جي لذت کان محروم نہ ڪر، محبوب جي تجلي گاه کان پري ٿي، ٻنهي جهانن جي سعادت کان جهولي خالي نہ ڪر، لوئي پلي ڪيڏي بہ پراڻي ڇو نہ ٿئي، تہ بہ ان جو رنگ نٿو مٽجي، دل جي محبوب جي " اخذ انوار " جي صلاحيت جي ڪٽي، ڪيتري بہ نفي ڪجي تہ بہ دل، محبوب کانسواءِ نٿي رهي سگهي، ان کي اطمينان نٿو ملي سگهي، هو پنهنجي تقاضائن کان منحرف نٿي ٿي سگهي.